# ڏوري ڏوري ڏٺم

تنوير عباسي



*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

ماڻ ڪاھوڙي اڏيا ڏوري ڏوري ڏيھ
تنـي پيريـن ڪيھ ڪه چاڙھا ڪنھن پار جي

— شاھ لطيف

# ڏوري ڏوري ڏيهه

(سفرنامو)

تنوير عباسي

سُهڻي پبليڪيشنس
حيدرآباد، سنڌ
١٩٨٤ع

ڇپائيندڙ :- سهڻي پبليڪيشنس ، حيدرآباد سنڌ
ڇپيندڙ :- سهڻي پرنٽرز ، الهندو ڪچو
حيدرآباد سنڌ

ڇپجڻ جو مهينو : جون ( ١٩٨٤ )

ٽائيٽل تي تصوير : اٿينس جا قديم آثار ( Acropolis )

قيمت : ٢٠-٠٠

( ليکڪ جا حق ۽ واسطا قائم )

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

لکيءَ ۽ ڪيس ڊي گروٽ
جي نالي

To
Loockie and Cese de Groote

# ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

رڳون ٿيون رباب
( شعر جو مجموعو )

شعر
( شعر جو مجموعو )

جي ماريا نہ موت
( ترجمو )

ٻاراڻا ٻول
( چونڊ ۽ ترتيب )

شاهہ لطيف جي شاعري
( تنقيد ۽ تحقيق )

سچ ترِيءَ هيٺان
( شعر جو مجموعو )

جديد سنڌي شاعري
( چونڊ ۽ ترتيب )

خيرمحمد هيسباڻيءَ جو ڪلام
( تحقيق ۽ ترتيب )

نانڪ يوسف جو ڪلام
( تحقيق ۽ ترتيب )

# اٿينس سان چار چشمي

اٿينس ـ ! جيءَ ۾ ڇڻ ڪتڪتائي ٿي. سقراط جي اٿينس ـ هومر جي اٿينس ـ افلاطون جي اٿينس ـ بقراط جي اٿينس ـ ارسطو جي اٿينس ـ سوفوڪليس جي اٿينس ـ سيفو جي اٿينس ـ اهو شهر، جتي هر گهٽيءَ ۾ وينس جهڙيون جٺريون جاڳنديون سونهن جو ديويون گهمنديون هونديون. جتي هر چونڪ تي (Discus Thrower) جهڙا متناسب عضون وارا جوان بيٺا نظر ايندا. جتي هر گهٽيءَ ۾ هومر وانگر شاعر شعر پڙهائيندا. جتي مارڪيٽ چونڪ ۾ سقراط، سوال جواب ڪندو هوندو.

مون هوائي جهاز جي دريءَ مان ٻاهر ڏٺو، سرمائي سمنڊ جي پير ۾ جهرمر جهرمر ٻتيون ٿي ٻريون، ڄڻ خواب هجي، ڄڻ ڪلپنا هجي ڪنهن شاعر جي، ڄڻ ڪنهن سودائيءَ جي سوچ هجي.

اها اٿينس، جتان فلسفي، سنگتراشي، طب، نرت ڪلا ـــ ڊراما، شاعري، جنگ جو فن، عمارتسازي، جاميٽري، رياضي، نباتات ـــ هر علم ـ ۽ هر فن جي شروعات ٿي.

جهاز هيٺ لهندو ويو. اٿينس اسان کي ويجهي پوندي ويئي. سرمائي سمنڊ ۽ جهرمر ٻرندڙ ٻتين جون روشنيون اسان جي ويجهو اينديون ويون. تان جو جهاز جي ڦيٿن ان جي مقدس سرزمين کي ڇهيو.

منهن اونداهيءَ ۾ ٽرانزٽ لائونج ۾ پهتاسين، ايئرپورٽ جو چڪر هنيوسين، قمر باوجود ڊبل نيرن جي، ڪجهہ کائڻ گهريو. مان ريسٽوران مان قمر لاءِ ڪجهہ سئنڊوچ ورتا، ۽ سقراط جي سرزمين تي، سقراط جي نالي، مون زندگيءَ ۾ پهرين صبوحي سلامي ڏني. هونءَ ته سال ٿي ويا آهن، ياد نہ آهي تہ سج ايرڻ کان اڳ جاڳيو هجان.

سڄي ڏينهن جي شاپنگ، سفر ۽ رات جي اوجاڳي جو ٿڪ قمر کي ورائي ويو. هوءَ لائونج جي صوفي تي ئي سمهي رهي، ۽ مان جاڳندو رهيس. باٿ روم ۾ وڃي شيو ڪيم، ۽ پوءِ هڪ چڪر ڊيوٽي فري شاپنگ جو ڪيم.

هڪ يوناني حسينہ جي دڪان تي هڪ Bust (بت) پيو هيو. مون سڃاتو تہ اهو بقراط (Hippocratus) جو بت هو. بقراط، جنهن کي 'طب جو ابو' چيو ويندو آهي. بقراط پهريون طبيب هو جنهن چيو تہ: بيماريون گناهن جي سزا طور نہ ٿيون ٿين، پر انهن جا ڪي مادي سبب آهن، ۽ انهن جو علاج پوڄا، تعويذ، ڦيٽي بدران انهن مادي سببن کي دور ڪرڻ ۾ آهي.

مون اُن بت ڏي اشارو ڪري يوناني حسينہ کان پڇيو، "هپوڪريٽس؟" (اهو بقراط جو انگريزي نالو آهي) هن اڻ ڄاڻائي جو اظهار ڪيو. مون چيو "بقراط؟" — هن ڪنڌ لوڏي چيو، "بقراط."

انهي مون سوچيو تہ، انگريزي جي ذريعي جيڪي لفظ اسان تائين پهچن ٿا، اهي ڪيترا نہ بگڙيل آهن. مون پڇيومانس،

”اوهان ٻہ ٻقراط چوندا آهيو؟“
هن چيو، ”ها.“
هر ٻولي لفظن کي پنهنجي لهجي موجب بدلائي ٿي. سنڌي ۾ ’يوسف‘ ’جوسب‘ ۽ انگريزيءَ ۾ ’جوزف‘ ـ ’ابراهيم‘ ’براهم‘ ته انگريزيءَ ۾ ’ابراهم‘.
دل چيو ته اهو ٻقراط جو بت خريد ڪري، پنهنجي بتخاني ۾ اضافو ڪريان. پر موٽندي ائينس اچڻو هو سوچيم ته نازڪ شيءِ آهي، متان سفر ۾ ڀڄي پوي، ان ڪري موٽندي ائينس مان وٺندس.
اڄ صبح جو T. W. A. جو جهاز آيو. جنهن ۾ اسان کي روم وڃڻو هو. هيءَ آمريڪن جهاز وڏ يڪ آرام ده هو. جهاز مٿي چڙهيو ته، مون وري هيٺ ائينس ڏي ڏٺو. صبح جي روشنيءَ ۾ ٻنين جي جهرمر جهڪي ٿي ويئي هئي. سمنڊ جو رنگ سرمائيءَ مان ڦري هلڪو نيرو ٿي ويو هو. ائينس سان اٿين ملاقات ٿي، جيئن ڪو اڻ واقف محبوب راهه ويندي سامهون اچي، اکيون چار ٿين، ۽ پوءِ ٻئي ڀيري ملڻ جي آس ڪٺي اڳتي وڌي وڃجي.
هن جهاز ۾ ٻہ ناشتو ڪٺي آيا. ائينس ۾ لهڻ سان وقت پوڻني ٿي ويو، ۽ هن جهاز ۾ چڙهڻ سان ٻيهر ناشتي جو وقت ٿيو. هيءَ ناشتو مون ٻہ ڪاڏو. صبوح جو نوين وڳي ڌاران روم جي زمين تي ٻيهر رکياسين. ●

# روم شهر ۾

روم —

روما —

**All Roads lead to Rome!**

**Rome was not built in a day!**

**Do in Rome as Romans do!**

**Rome was burning, Nero was Fiddeling!**

اهي سڀ چوڻيون ياد آيون.

اڄ صبح ٽيو. سڄ اڀريو ته، اسان جو جهاز روم تي لٿو. ٽڪيٽ موجب اسان کي روم ۾ ٻه ڏينهن رهڻو هو. لهڻ سان دل چيو ته هن تاريخي شهر لاءِ ٻه ڏينهن ڪافي نه آهن. ٻاهر نڪرڻ مهل، ايئرپورٽ تي ئي هڪ ڏينهن وڌايو سين. ان ۾ ٻه منٽ لڳا. ڪائونٽر واري مرڪندي چيو، ”ڪمپيوٽر کان پڇي ٻڌايان ٿو ته ٻئي ڏينهن جهاز ۾ ڪا جاءِ خالي آهي يا نه.“ — هاڪاري جواب ملڻ تي، يڪدم ٽڪيٽن تي تاريخ مٽائي ڏنائين.

ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري، مان بئنڪ ۾ پئسا مٽائڻ ويس، ته قمر کي چيم ته: انفرميشن جي ڪائونٽر تان هوٽل، ۽ شهر ڏانهن پهچڻ جي باري ۾ معلومات وٺي. پئسا مٽايم ته دل بهار ٿي ويئي. شفيق الرحمان وانگر عمر ۾ پهريون دفعو لکاپتي ٿي ويس. ڊالر ۾ سادا اٺ سؤ کن ليرا ٿين. لڪين

اهڙا ملي ويا. خوشيءَ مان قمر وٽ پهتس، ڪيس چيم ته:
”هاڻي مون سان سنڀالي ڳالهاءِ. مان لڪاپٽي تي ويو آهيان، منهنجي ڪيسي ۾ لکين ليرا آهن!“
هوءَ ڪاوڙ ڀيڻي هئي. انفرميشن جي ڪائونٽر تي ڪوبه موجود ڪين هو. ٽئڪسين وارا، ۽ هوٽلن جا ايجنٽ ڪيس ائين ورائي ويا هئا، جيئن حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي ماڻهن کي ’هند ڪٽولي‘ وارا ڦريو اچن، يا مارڪيٽ ۾ ٽانگي وارا.
اسان اڌ ڪلاڪ ان حالت ۾ گذاريو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ انفرميشن ڪائونٽر تي هڪ ڊيندو، ٿلهو، گنجو، ۽ ٺينڍو اطالوي ظاهر ٿيو.
قمر ان تي ڏاڪا ڀڏي چڙهي ويئي. چي: ”هيتري دير تون ڪٿي هئين؟“
هن چيو، ”منهنجي ڊيوٽيءَ جو وقت هاڻي کان شروع ٿيو آهي.“
قمر پڇيس، ”تنهنجي ڊيوٽي ڪائين وڳي کان شروع ٿي ٿئي ؟“
”ڏائين وڳي کان.“ هن چيو.
ان وقت ساڍا نو ٿيا هئا. مون قمر کي ٺڏو ڪيو ۽ چيم، ”پرديس آهي، ان ڪري خيال سان جهيڙو ڪر.“
انفرميشن واري همراهه ٻڌايو ته اڌ ڪلاڪ کان پوءِ شهر ڏانهن بس ويندي، جيڪا پندرهن سؤ ليرا وٺندي. هوٽل ان بس مان لهڻ واريءَ جاءِ تي رزرو ڪرائي سگهو ٿا. باقي

طاڪُرائڻ سفر هوءِ شهر جا مشهور رستا ۽ مقام ڏيکارياٺون، ۽ هڪ ٻن جاين تي بس مان لاهي گهماياٺون.

”هيءُ 'ول بورجس' آهي— يعني سدا بهار باغ.“ گائيڊ، جيڪا ڊرائيور جي ڀرسان، اسان ڏي منهن ڪري ويٺي هئي، تنهن چيو، ”هن باغ ۾ اهڙا وڻ ۽ گل آهن، جي هر موسم ۾ تازا رهندا آهن.“

مون سوچيو: ان باغ جي ٻاهران جيڪر بورڊ هڻي ڇڏجي 'سرءُ جي مند کي اندر اچڻ جي منع آهي!—'

ان ڪانپوءِ آرچين ديوار آئي، جيڪا ۳ صدي عيسويءَ ۾ ٺهي هئي. ان وقت روم جي آدم شماري ڏهه لک هئي.

بس هڪ ويڪري، صاف سٿري ۽ فيشنبل رستي تان لنگهي. گائيڊ ٻڌايو، ”هيءَ 'وايا وينتو' (Via Vento) آهي، روم جي مهانگي ۾ مهانگي گهٽي.“

ٻنهي پاسي، فٽ پاٿن تي ڪرسيون ميزون پيون هيون. ڪرسين جو منهن ٽرئفڪ ڏانهن هيو. ماڻهو اتي ڪافي ۽ بيئر ۾ مشغول هئا. ڪليل هوا ۾ ويهي، ٽرئفڪ جو نظارو ڪندي، مشروب ۽ کاڌي جا چسڪا وٺڻ، ۽ ان سان گڏ ڀرسان ويٺل دوست سان ڳالهيون ڪرڻ جي آئيڊيا مون کي ڏاڍي رومانٽڪ نظر آئي.

ان رومانٽڪ سوچ تي پائيپ ياد آيو. تماڪ ڀري، پائيپ دکائي، اڃا ٻه ڪش مس هنيم تہ پٺيان سيٽ تي ويٺل هڪ ڪراڙيءَ دانهن ڪئي:

"Ne fumez Pas" يعني پائيپ نہ ڇڪ.

فرينچ سکي ٿا ان ڏينهن لاءِ هيٺ، ته روم شهر ۾، ان بدمزاج بوڙهيءَ جا اهي لفظ سمجهان. قمر جو پڻ ان ڪراڙيءَ جي دانهن تي ڇرڪ نڪري ويو، ۽ مون کان پڇيائين، ”هيءَ ڇو ٿي رڙيون ڪري؟“

پڌايومانس ته، ”منهنجي پائيپ پيئڻ تي اعتراض اٿس.“ مون چوڌاري نهاريو. متان بس ۾ ڪو بورڊ هجي ته ’سگريٽ پيئڻ منع آهي.‘ پر مون کي نظر نه آيو. ڪيترائي ٽوئرسٽ بس ۾ ويٺي سگريٽن ۽ پائيپن مان دونهان ڪڍي رهيا هئا. پر تڏهن به مون اشرافت جو مظاهرو ڪندي پائيپ ڇڪڻ بند ڪيو ۽ قمر کي چيم، ”هن مصيبت مان ڦاٿس.“

بس بئنڪ آف اٽليءَ جي عمارت وٽان لنگهي، جيڪا جديد فن تعمير جو نادر نمونو آهي، ۽ وري گهڙيءَ کان پوءِ سنگمرمر جي هڪ دقيانوسي ونگ هيٺان لنگهي. اتي مون کي چوڻي ياد آئي: Rome was not built in a day (روم هڪ ڏينهن ۾ نه نهي آهي.) روم جي تعمير صدين جو سفر آهي روم قديم به آهي، ته جديد به— روم وقت سان گڏ اڳتي وڌي آهي. موهن جي دڙي وانگر وقت سان قدم نه ملائي سگهڻ جي ڪري رڳو تاريخ ۽ ميوزم جي زينت نه ٿي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ته وقت کان اڳتي وڌي، وقت جي رهنمائي پڻ ڪئي اٿائين.

گائيڊ پڌايو، ”هي سنگمرمر جا ونگ، قديم دور جي شهر پناهه ديوار ۾ هئا جن کي اڄا ٿائين محفوظ رکيو ويو آهي. ڪاڏي ويا شڪارپور جا لکي در— هزاري در— هاٿي در— ڏوري ڏوري ڏيهه....

واڳڻا در— ؟ رڳو انهن جا نالا ڪن پاڙن تي پيل آهن!
بس هلندي اچي مسوليني جي هيڊ ڪوارٽر تي پهتي. اتي اسان کي بس مان لاٿو ويو. ڪير جهڙي اچي سنگمرمر جي تمام وڏي Huge مرقعي جي آڏو اچي بيٺاسين. اچي، بنا ريک سنگمرمر کي ڏسي ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ ڪير کي ڪنهن قالب ۾ ڍاليءِ، برف ڪيو ويو آهي (ان سنگمرمر کي، جنهن ۾ ڪا ڪاري ڳاڙهي ليڪ نه هجي، انگريزيءَ ۾ Alabostre چوندا آهن) اها جاءِ هئي، جتان فاشزم جو خالق، مسوليني بيهي تقريرون ڪندو هو (مسوليني مري ويو. اڄ به ان جي ملڪ جا ماڻهو ڪانئس نفرت ٿا ڪن. پر هي فن جو معرڪو اڃا زنده آهي. اڃا به ماڻهو ان ڪير جي برف کي پيار ٿا ڪن) اهو سنگتراشيءَ جو ڪمال آهي. ان جي هڪ هڪ انچ تي سنگتراشي جي فن جو مرقعو آهي. مڪلي ۾ ڇاهي؟ ليڪون سڌيون اڏيون— عمودي، ليڪون— اڌ گول، گول— پر ليڪن لهوارن، اوڀارن، هيناهين مٿاهين مان 'زندگي' وري تخليق ڪرڻ Re-create ڪرڻ، مسلمانن جو ڪم ناهي. هن فن جي مرقعي ۾ 'هڪ دل هزار داستان' وانگر ڪئي گهوڙا، ڪئي سپاهي، ڪئي جرنل، هر انچ فن جو مرقعو. ان کي تفصيل ۾ ڏسڻ ۽ جاچڻ لاءِ ڪلاڪ نه پر ڏينهن کپن. پر اهو به ڪافي هو جو ان تي ڏهه پندرهن منٽ طائرانه نظر وڌيسين.
ان جاءِ تي بيهي، مسوليني تقريرون ڪندو هو. مسوليني— ٻيءَ مها ڀاري لڙائيءَ دوران اٽليءَ جو ڊڪٽيٽر. فاشزم جو خالق. هٽلر جو همنوا. اٽليءَ ۾ هٽلر جو نعم البدل. جنگ

۾ اٽليءَ جي تباهيءَ جو ڪارڻ. هٽلر جرمن قوم کي چيو، ”ڪنتم خير امة“ (”اوهان سڀ کان پلاري قوم آهيو-“) ۽ جرمني تباهه ٿي. ساڳيءَ ڳالهه مسوليني اٽليءَ وارن کي چئي؛ اٽلي تباهه ٿي. شهيد ۽ مجاهد ٿيڻ جي لالچ ۾ قتل ۽ خون لاءِ اڪسائڻ وارن جو انت اهو ٿيو. ڪابه قوم مٿاهين ناهي، ڪابه قوم گهٽ ناهي. جن قومن مٿاهين هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، هن صديءَ ۾ ان جون عورتون بيوهه، مائرون بي اولاد، ۽ ڌيئون چڪلي جي زينت ٿيون آهن. اها سزا آهي قومي احساس برتريءَ جي، جيڪا هن صديءَ ۾ دنيا جي انهن قومن کي ملي، جن جو ماضي عظيم هو ۽ جن جي ثقافتي ورثي کي دنيا تسليم ڪيو آهي.

ڪابه قوم گهٽ ناهي، ڪابه قوم وڏ ناهي. ڪابه قوم برهمڻ ناهي، ڪابه قوم شودر ناهي. ماضيءَ جي عظمت جواز ناهي حال ۾ استحصال ڪرڻ جو. عظيم ثقافت سبب نه هئڻ گهرجي ٻين ثقافتن کي نحس نحس ڪرڻ جو. هيءَ صدي فيصلي جي صدي آهي. هيءَ صدي يوم الحساب آهي. هيءَ صدي اوچ نيچ قومن جي وچوٽيءَ کي ختم ڪرڻ جي صدي آهي. هيءَ صدي تعصب جي قاتل صدي آهي.

يورپ جي سڀني ملڪن ۾، ماڻهو جنگ جي نالي کان ڏڪي پئي ويا. چياڻون پئي، ”جنگ - ڇا لاءِ؟“ مون اٽليءَ ۾ انگريز ۽ فرينچ ٽوئرسٽ آرام سان گهمندي ڏٺا، جيڪي ٻيءَ مها ياري لڙائيءَ ۾ اٽليءَ جا دشمن هئا.

روم شهر جي هر ننڍي وڏي چونڪ تي، ڪونه ڪو پتلو

ڏوري ڏوري ڏيهه....

(Sclupture) نصب ٿيل آهي. اهو سوين سال قديم به آهي، تہ فن جو عظيم مرقعو پڻ. اسان بت شڪن مذهب جا ماڻهو آهيون، پر آتي قدم قدم تي بت پرستي لاءِ دل پئي چيو. هر بت، فنڪار جي ذهن جي موسيقيءَ جي جميل برف هئي.
مترجم ۽ روان ليڪون. متوازن عضوا، وٺندڙ نقش، چپ ڳٽن کان وڌيڪ حسين تہ، ڳٽا چپن کان وڌيڪ متناسب. ڳٽا ۽ چپ، نهيل تہ سخت سنگمرمر جا، پر ائين پيا لڳن، جو پائنجي، تہ جي انهن تي آڱر رکبي تہ، انهن ۾ کپ پئجي ويندو. وار پٿر جا، پر ائين پيو پائنجي، چڻ هوا لڳڻ سان لهرائي رهيا آهن.
بس ۾ ويهڻ جو وقت آيو تہ، مون قمر کي چيو تہ: مان ان بدمزاج ڪراڙي فرينچ جي اڳيان ڪونہ ويهندس. مون هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان سيٽ مٽائي، جيڪو 'اڻ چيڪو' (Non Smoker) هو. ۽ پوءِ مزي سان پائيپ مان دونهان ڪيندو رهيس.
اتي ئي 'اڻ ڄاتي' سپاهي جو مزار هو. يورپ ۾ ڀين هنڌن تي بہ 'اڻڄاتي سپاهي' (Un known Soldier) جا مزار آهن. پئرس ۾، اٿينس ۾. يورپ ۾ تازو 'سورمي پرستي' (Hero Worship) جي خلاف رجحان پيدا ٿيو آهي، ان ڪري ئي هنن اڻ ڄاتن سپاهين، بي‌نام ۽ گمنام سورمن کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي. انهن اڻ ڄاتن سورمن جي مزار تي چوويهہ ئي ڪلاڪ بتي ٻرندي رهي. ڌاريا سفير حاضري ڏين، قومي ڏينهن تي انهن مزارن تي عام ماڻهو جلوس ورتيو اچي سوين گلن جون

چادرون چاڙهين.
يورپ وارن جي خيال ۾ ’سورمي پرستي‘ سڄي* قوم کي
هڪ شخصيت جي پنيان هلڻ تي مجبور ٿي ڪري ۽ سڄي
قوم جي سوچ ان هڪ سورمي جي شخصيت جي چوديواريءَ
۾ قيد ٿيو وڃي. قوم کي اڳتي وڌڻ گهرجي، پر سورمي
پرستي قوم کي ان سورمي سان جڪڙي، اڳتي وڌڻ کان
روڪي ٿي. ان ڪري گمنام ۽ بي‌نام سورما بهتر آهن*
اڳتي هلي، وڪٽر بادشاهه جو بت ڏٺوسين. مشهور فئشنبل
بزار، وايا وينٽو مان ٿيندا، قديم آثارن تي پهتاسين، جتي
هڪ طرف محلات هئي، ته ٻئي طرف عبادت‌گاهه. هيءَ جاءِ
حضرت عيسيٰ کان اٺ صديون اڳ جي هئي. ان‌جي سامهون
ٿي رستو هو، جتان جلوس لنگهندا هئا. ان رستي تي ٿي
’فتح جو ونگ‘ (Arch of Triumph) هو، (اهڙا ونگ پوءِ پئرس
۾ به ناهيا ويا) اهو عوامي فتح جو يادگار هو. گائيڊ اسان
کي اهو ٻڌائيندي چيو ته روم جي هڪ بادشاهه چيو ته:

Remember- you are only human beings—

ياد رکو، توهان رڳو انسان آهيو.

رڳو انسان آهيو
حيوان ناهيو
۽ فرشتا پڻ نه آهيو—
فرشتا جي هجو پڻ ها— ته معصوم!

---

* هي خيال منهنجي پياري دوست ڪيس ـ ڊي گروٽ جا آهن.

هجو ها جي اوهان حيوان ـــ ته خود غرض
اوهان ناهيو فرشتا ـ
۽ نڪي حيوان
توهان آهيو رڳو انسان
توهان آهيو رڳو انسان ـ (تنوير)

گائيڊ ٻڌايو ته اڳي واپاري طبقو مذهبي نه هو، پر پوءِ، اهو به وقت جي ضرورت کي سمجهي، مذهبي ٿي ويو ۽ پوپ کي خدا ۽ انسان جي وچ ۾ 'پل' سڏيو ويو (عجيب پيا ٿيءَ ڦوٽي.)
گائيڊ ٻڌايو ته حضرت عيسيٰ کان به صديون اڳ، عورتون ڪنواريڻ جي زندگي گذارڻ جو قسم کڻنديون هيون، پر ان تي قائم رهي نه سگهنديون هيون (ته اها ڳالهه صديون پراڻي آهي، جو ڪنواريڻ جو ڍونگ رچائي، پوءِ مجبور ٿي، نارمل حياتي گذارجي. ساڳي ڳالهه آهي قرآن بخشائڻ جي .)
وري وايا وينتو مان ٿيندي بس اچي ڪولوزم وٽ بيٺي. ايئرپورٽ مان شهر ايندي بس ڪولوزم (Gollosum) وٽان لنگهي هئي ته، مان سمجهي ويو هوس ته هيءُ ڪنهن اهم عمارت جا آثار آهن.
ڪولوزم هڪ گول عمارت آهي، جنهن جي چوڌاري دروازا آهن، جيڪي رستي جي ليول (Level) تي آهن. اها عمارت گليڊيئيٽرس ۽ شينهن جي مقابلي ڏسڻ لاءِ ٺاهي وئي هئي.

گاڏيڊ بہ ڪمال جا آهن. هزارن ماڻهن ۾ سڄاڻي وٺڻ تہ هي ٽوئرسٽ اسانجي بس جو آهي. جي ڪنهن ٽوئرسٽ کي واٽڙو ڏسڻ تہ اشارو ڪري سڏين. جي بس ۾ ڪو اوپرو ماڻهو اچي وڃي تہ سمجهي وڃن تہ هيءُ اسان سان ناهي. جي ڪو ماڻهو ڪٿل هجي تہ بہ تاڙي وڃن تہ ڪو نہ ڪو همراهہ ڪٿل آهي. تيسين بس هلڻ نہ ڏين جيسين ان کي ڳولهي ڦولهي هٿ نہ ڪن. هنن جو واسطو روز سوين 'نون چهرن' سان ٿو پوي. روز روز اهي 'نون چهرا' ياد رکڻ ۽ انهن سان منهن ڏيڻ ـــ واقعي وڏو ڪمال آهي.

سينٽ پال جي گرجا ٣ صدي عيسويءَ ۾ ٺهي. ١٨٢٦ع ۾ باهہ لڳڻ سبب سڙي ويئي. چو تہ ان جي ڇت بہ ڪاٺ جي هئي. ان جي ٻيهر مرمت ڪرائي ويئي. ان گرجا ۾ ٢٦٦ پوپن جون تصويرون آهن. ان گرجا جو هڪ دروازو مقدس در (Holy Door) اهي، جيڪو هر پنجويهين سال کلندو آهي. هاڻي اهو در سنہ ٢٠٠٠ع ۾ کلندو. نيپولئن جي دور ۾ چرچن کي اونداهو ڪيو ويو. ان ڪري هن گرجا جي هڪ چڏي ٻي دري بند ڪئي ويئي. اهو ان ڪري ڪيو ويو، جيئن ماڻهن کي مذهبي عمارت ۾ گهڙڻ سان خوف ۽ هيبت جو احساس ٿئي. اتي مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ سنڌ ۾ اڪثر پيرن جون درگاهون اونداهيون ڇو هونديون آهن. ائين ٿو لڳي تہ ماڻهن تي مذهب جي هيبت وجهڻ وارو فن مشرق توڙي مغرب ۾ ساڳيو آهي.

ان ڪان پوءِ نيروُ (Nero) جو سونو گهر ڏٺوسين. نيرو ـــ قديم

هائي ويٽيڪن شهر جو وارو هو. ويٽيڪن شهر- پوپ جو شهر - اصل ۾ روم شهر جو هڪ حصو آهي. اهو رومن ڪئٿلڪ فرقي جي عيسائين جو مقدس شهر آهي. هيءَ دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي مملڪت آهي، جتي دنيا جي هر ملڪ جو سفير رهي ٿو. ان ملڪ کي پنهنجو سڪو، ۽ پنهنجي ٽپال جي ٽڪلي آهي. هن ملڪ کي پنهنجي فوج به آهي. پر اها رڳو علامتي فوج آهي. هڪ سو سئٽزرلئنڊ جا سپاهي ئي سندن سموري فوج آهي. انهن سپاهين کي، قديم روم جي سپاهين جهڙو تاريخي، خوبصورت ۽ شاندار يونيفارم آهي. اهڙو يونيفارم، قديم تصويرن، ۽ روم جي تاريخ متعلق ٺهيل فلمن ۾ نظر ايندو آهي.

ويٽيڪن شهر، ١١- فبروري ١٩٢٩ع ۾ آزاد ٿيو. روم جو پوپ، سڄيءَ دنيا جي رومن ڪئٿلڪ فرقي جي عيسائين جو مذهبي اڳواڻ آهي. اهو هن شهر ۾ ئي هڪ قلعي نما عمارت ۾ رهي ٿو، جتان هر آچر تي، هو دريءَ مان ديدار ڪرائيندو آهي، ۽ خطبو ڏيندو آهي.

ويٽيڪن شهر ۾ اسان جي اچڻ جو وڏو سبب 'سسٽين شئپل' (Cistine Chaple) جي اها تاريخي عمارت آهي، جنهن ۾ ڪيترائي پوپ رهيا، پر ان ڳالهه کان به وڌيڪ اهميت سندس ڇت تي مائيڪل اينجلو جي لافاني تصويرن جي ڪري آهي.

سسٽين شئپل جي اڳڻ ۾ پهچڻ سان ئي هلڪي بوند وسڻ لڳي. مون کي خوشي ٿي ته برساتين پاڻيءَ جي عيش ڪرڻ

ڏوزي ڏوزي ڏيهه....

تہ، ٻيءَ تي حضرت موسيٰ جي. يورپ جي فنڪارن، انجيل ۽ توريت جي هڪ هڪ ماڳ ۽ هڪ هڪ ڳالهه تي لافاني شاهڪار تخليق ڪري، ان کي هميشه لاءِ زندهہ شاهڪار ڪري ڇڏيو آهي. ڇو تہ هنن وٽ مصوري ۽ سنگتراشيءَ ۾ ’زندگي‘ شجر ممنوع نہ آهي.

اسان وٽ مڪليءَ تي ڊزائينون، مقبرن تي خطاطي، ڪاشي جا ليپائيندڙ رنگ، سڀ عظيم فن آهن، پر انهن ۾ ’زندگي‘ ناهي. ڪا جيئري جاڳندي شيءِ، انسان، پکي، جانور، اسان جي فن ۾ ممنوع آهن. اسان جي آرٽ ۾ ’زندگي‘ ممنوع آهي.

ان گئلريءَ جي هڪ تصوير ۾، ڪانسٽنٽائين(١) جو ونگ ان وقت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جنهن وقت اهو موجود نہ هيو. اها هڪ عظيم تاريخي غلطي آهي.

سسٽين شئپل ٻهرين پوپ جو ذاتي گهر هيو، پر هاڻي پوپ ان جي هڪ محدود حصي کي رهائش لاءِ استعمال ڪندو آهي، ۽ اتان هر آچر تي دريءَ مان ديدار ڪرائيندو آهي.

ان کان پوءِ اسان ان ڇت هيٺان پهتاسين، جنهن هيٺان مون زندگيءَ جون بهترين گهڙيون گذاريون. اهو ٿورو وقت، منهنجي حياتيءَ جو خوبصورت ترين وقت هو. منهنجي اکين پنجيتاليهہ سال گهڻو ڪجهہ ڏٺو هو، گهڻي سونهن ڏٺي هئي، پر اهڙي سونهن ڪڏهن بہ نہ ڏٺي، جيڪا مائيڪل اينجلو جي ناهيل سسٽين شئپل جي ڇت تي ڏٺي.

---

(١) جنهن جي نالي شهر قسطنطنيہ (Constantanople) آهي.

مائيڪل اينجلو جي هٿن ۾ نور هو، جنهن جي ڇهاءَ سان بيجان پٿر سونهن جا معجزا، ۽ ڪينواس معجزن کان به وڌيڪ ٿي پيا هئا.

جڏهن پوپ جوليئس ٻئي کيس ان ڇت تي چترڪاري ڪرڻ لاءِ چيو ته هن انڪار ڪيو ۽ چيائين:

No painter I- This place is wrong

”مان پينٽر ناهيان. هيءَ جاءِ غلط آهي.“

مائيڪل اينجلو بنيادي طرح سنگتراش هو، پينٽر نه هو. پر پوءِ هن کي راضي ڪري ورتائون(۱).

جيئن ته هو عمارت ساز(Architect) به هو، ان ڪري ان نقاشي ۾ گهڻو عمارت سازيءَ (Architecture) جو اثر به آهي. هن ڇت تي ٽنيا ڇتي، انهن کي ٽڪنڊن، چورسن، ۽ ونگن ۾ ورهايو ۽ انهن ۾ پنهنجون تصويرون ٺاهيائين.

ٽڪنڊن ۾ هن حضرت عيسيٰ جا ابا ڏاڏا ناهيا، سي به اهڙيءَ طرح جو انهن جا خاڪا به ٽڪنڊن جهڙا آهن. ڇت جي وچ ۾ نو مستطيل آهن، جن مان پهرين ٽن ۾ تصويرن جي سائيز ننڍي آهي ۽ ٻين ۾ سائيز وڏائي ويئي آهي. انهن ۾ پراڻي عهد نامي جي شروعاتي باب پئدائش (Genesis) تي تصويرون آهن. پهرينءَ تصوير ۾ خدا روشنيءَ کي اونداهي کان ڌار ٿو ڪري. ٻيءَ ۾ روشني ۽ سج تخليق ٿو ڪري، ٽينءَ ۾ پاڻيءَ ۽ زمين کي ڌار ٿو ڪري. چوٿينءَ ۾ انسان

---

(۱) مائيڪل اينجلو جي زندگيءَ تي ناول **Agony in ectacy** اروِنگ اسٽون جو لکيل آهي.

(آدم) کي تخليق ٿو ڪري. پنجين ۾، ڏاڍي آدم جي پاسريءَ مان بيبي حوا ٿي نڪري، ڇهينءَ ۾ شيطان کين برغلائي ٿو، ۽ ستينءَ ۾ آدم ۽ حوا بهشت مان ڪڍيا وڃن ٿا. سڀ تصويرون فن جو معراج آهن. هڪ هڪ چهرو، ۽ ان تي تاثر، 'پئدائش' جي باب کي زندگي ٿو ڏئي. پر سڀني کان موهيندڙ تصوير اها آهي، جنهن ۾ الله سائين آدم ۾ ساهه ٿو وجهي. اهو مقام، قرآن مجيد ۾ 'و نفخت فيه من روحي' جي لفظن ۾ بيان ٿيل آهي. ساڳئي موقعي لاءِ خير محمد هيسباڻيءَ هينءَ چيو آهي:

ٻوٽي دي وچ پوڻ ڦوڪيندي
ٿي پئدا او ساز سرود
جوڙ مصور صورت ڪون
مٽ خاڪ وچون ڪيتا موجود

مائيڪل اينجلو جي ان تصوير ۾ ايڏي زندگي، ايڏي موسيقي، ۽ ايڏي نفاست آهي، ڄڻ الله ۽ آدم ۾ ڪو ويڇو ناهي- جتي ٻنهي جا هٿ هڪ ٻئي کي ڇهن ٿا، ته ائين ٿو لڳي، ڄڻ ڪا بجليءَ جي لهر آهي، ڄڻ ڪا موسيقيءَ جي مڌر تان آهي، ڄڻ ڪو اڻ ڏٺو روح آهي، جيڪو هڪ هٿ مان ٻئي هٿ ڏي وهي رهيو آهي.

ان ڇت ڏي نهارڻ مهل، سڄي دنيا وسري ويئي، ڪٿي رهيو گائيڊ، ڪٿي هئي قمر، ڪلهي ڪس کان وڏيڪ رش هئي، ڌڪم ڌڪا هئي. انهن ڌڪن موٽائي هن جهان ۾ آندو. ميڙ هوڏي ٻوڙي، قمر کي تلاش ڪيم. اها پاڻ هڪ ڪنڊ

ڏوري ڏوري ڏيهه

مان هن لاءِ بيئر جي هڪ بوتل وٺي آيس. هوءَ اڳيئي ڪجهه لٽ ۾ هئي (Tipsy) منهنجي بيئر سو ن ٽي سها ڳي جو ڪم ڪيو ۽ هوءَ ڪلي پيئي.

سندس نالو زهرا آهي. هوءَ ٻاهران ڪوجهي، پر اندر جي اجري آهي. سوماليہ جي رهندڙ آهي، ۽ روم ۾ سوماليا جي اڳوڻي سفير جي ڌيءُ آهي. هاڻي روم يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي آهي. هن منهن جا زخم ڏيکاريندي چيو ته، هن پيٽل هجڻ جي حالت ۾ ڪار جو ائڪسيڊنٽ ڪيو، اهي انهن زخمن جا نشان آهن. مون ۽ قمر پنهنجي واقفيت ڏنس. اڄا اسان ڳالهيون شروع مس ڪيون ته، رستي تان ڪو شيدي، بي پرواهہ. مست. وڏي آواز ۾ ڳائيندو ٿي ويو. هن زهرا کي ڏٺو ته ڪيس "هيلو هيلو" ڪيائين زهرا ڪيس سڏي اسان سان ملايو، ۽ اسانجي واقفيت ڪرايائين. هو سوماليا جي ٽي ويءَ جو مشهور فنڪار محمدسليمان هو. محمدسليمان اسانکي پنهنجي هوٽل جي ڪمري تي هلڻ جي دعوت ڏني، ۽ چيائين، "منهنجي زال اوهان کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿيندي."

مان، ان ريسٽوران جو الائي ڪيترن هزارن ليرن جو بل پري يو، ۽ زهرا ۽ قمر سان گڏ محمد سليمان جي هوٽل ۾ ويس.

محمد سليمان جي زال، هئي ته شيدياڻي، پر سونهن جو شاهڪار هئي. ڪيس ڏسي، مون سوچيو ته، يورپ ۽ يونان جي بت تراشن کي رڳو يورپ جا ماڊل مليا. ۽ 'ڪارن' جي ملڪن کي بت تراش نه مليا. جي هن عورت پارو شيدي ڏوري ڏوري ڏيهه....

ڙوڙ شهر ۾
رلندي رلندي
ٿڪي ٿڪي
ٿڪجي پياسين
ڪين ملي ڪا
جين قمر جي!

## نيپلس ۽ ڪئپري

رات جو، هوٽل واريءَ ٻي ڊالرن جا ليرا مٽائي ڏنا، ۽ اڳهه ۾ بئنڪ کان بهتر ڏنائين. ان مان خبر پيئي ته هتي به اسان جي ملڪ وانگر ڊالر جو چڱو مان آهي.

صبح جو ساڍي ستين وڳي، ٽوئر ڪمپنيءَ جي ڇوڪريءَ در کڙڪايو. مان به تيار هوس، قمر به ساڙهي پائي تيار بيٺي هئي. رات جو دير تائين ٻاهر رهڻو هو، ان ڪري هڪ ننڍي ٿيلهي ۾ ضروري سامان ۽ برساتيون کنيون هئيسين.

بس ۾ وڻ وڻ جي ڪاني هئي. عرب، انگريز، فرينچ، آفريڪي، آمريڪي، آسٽريلوي ۽ اسان.

بس شهر ڇڏيو. حد نظر تائين ساوڪ هئي. زمين ڪٿي سنئين ته ڪٿي هيٺ مٿي. ڪٿي اتاهيون ٽڪريون. ڀر جبل ۽ ٽڪريون، ٻٽ- سڀ سبزه ان ساوڪ جي آسمان ۾ ڪٿي ڳڀلا، ڪٿي واڱڻائي ته، ڪٿي ڳاڙها گل، تارن وانگر جهرمر لڳايو بيٺا هئا. ڪٿي ڪٿي ڳوٺ، جن ۾ گول گنبذ سان روايتي رومن گرجائون. مون کي ننڍپڻ ياد اچي ويو جڏهن مان ستن سالن جي عمر جو هوس، ۽ ڪراچيءَ ۾ برنس روڊ تي هيرانند اڪيڊميءَ جي پرائمري اسڪول ويندو هوس. ته اهڙيءَ ئي گنبذ واريءَ گرجا وٽان لنگهڻ ٿيندو هو.

ڪئپريءَ جو حسن. ان حسن کي رهڻ ڏيو، ان حسن کي تباهه نه ڪيو، ڌرتيءَ تي سونهن کي برقرار رکو، انسان کي اکيون ٺارڻ ڏيو. ڪئپري — چڻ خوابن جو ٻيٽ، جتي دل جا سڀ وهم وسريو وڃن. اهو به وسري ويو ته ٽوئرسٽ مان ڪهڙا عرب آهن، ڪهڙا فرانسيسي. ڪير ڳورا آهن ڪهڙا ڪارا، يهودي ڪير، ڪير مسلمان آهن. سڀني جون دليون، سڀني جون سوچون، سڀني جون نظرون، پنهنجي ۽ ٻين جي قوميت، مذهب، رنگ، نسل ۽ طبقي کان هٽي، هن ننڍڙي ٻيٽ جي سونهن تي کُپي ويون. ڪئپري سونهن آهي، ڪئپري پيار آهي، فن به ته سونهن آهي، فن به ته پيار آهي، پوءِ سڀ لطيف فن، شاعري، موسيقي، مصوري سنگتراشي، ۽ نرت ڪلا، دنيا مان ويڇا، نفرتون، جنگيون، بک، بيماري، غربت ڇو نه ختم ڪري سگهيا آهن؟

ڪئپري حسن آهي. ڪئپري پيار آهي.

ٿوريءَ دير ۾ اسان کي وئگنن تي چاڙهي اٿنا ڪئپريءَ ڏي نيو ويو. وئگن، اسڪروءَ وانگر ويڙهجندڙ رستي تي، ٩٠٠ فٽن جي اتاهينءَ تي چڙهندي رهي. ان ور وڪڙ رستي تي، ساڳئي نظاري کي، مختلف اوچائين کان، ۽ مختلف زاوين تان ڏسڻ جو موقعو پئي مليو. مصورن ۽ فوٽوگرافن کي خبر هوندي ته، ڪو به هڪ نظارو، رڳو هڪ خاص زاويي، ۽ هڪ خاص مفاصلي کان حسين لڳندو آهي، جي زاويو مٽائبو آهي ته، ان جي سونهن ۾ فرق اچي ويندو آهي- ۽ جي مفاصلو گهٽ يا وڌ ڪبو آهي، ته به نظاري ڏوري ڏوري ڏيهه....

ٽريءَ مان انهن نظارن تي هئي، جن کي اُنا ڪڻپريءَ ڏي چڙهندي وقت ڏٺو هيوسين. هن دفعي انهن نظارن جو لطف ئي نئون هو. صبح جي روشني ۽ شام جي روشني ساڳين نظارن کي مختلف زاوين کان مختلف حسن ٿي ڏئي.

اڌ تي هڪ سهڻي، ننڍڙي بزار هئي، پر ان ۾ ايڏي ته رش هئي، جو ڪلهي ڳس لڳي پئي هئي. ڪڻپري ته اهڙو شهر آهي، جتي شهر جي رهاڪن کان وڌيڪ گائيڊ ۽ ٽوئرسٽ هوندا آهن. ڳم ٿيڻ جو وڏو خطرو هو، انڪري مون قمر کي چيو ته: ”گائيڊ ۽ پنهنجي گروپ وارن ٽوئرسٽن تي ئي نظر رکڻ.“

قمر چيو: ”تون هن ماڻيءَ تي نظر رکج، جنهن کي ڳاڙها ڪپڙا آهن.“

مون چيو، ”ان ماڻيءَ جي پنيان لڳان ۽ ڪاوڙجي پوي ته پوءِ؟“

ان تي قمر يڪدم چيو، ”هو ٽوپلي وارو سڄاڻي ڇڏ. اهو اسان جي گروپ جو آهي.“

مون چيو، ”هتي ٽوپلو ته هر ٽئين ماڻهوءَ کي آهي، ۽ جي هو ماڻهو ٽوپلو لاهي ڇڏي ته پوءِ؟“

تڏهن به قمر جي زناني حِس اسان کي ڳم ٿيڻ نه ڏنو. عورتون لباس، رنگ، مهاندن ۽ قد بت، کي ايترو جلد جهٽيون وٺن، جو عجب لڳيو وڃي. ڪو ماڻهو سڪند لاءِ سامهون آئيو، ۽ پوءِ لڪائي ڇڏيو. ڏهه ڦهه سندس شڪل شبيهه، قد بت، وارن ۽ اکين جي رنگ، لباس ۽ ان جي ڏوري ڏوري ڏيهه...

اينديءَ مهل ٽئڪسيءَ واري هزار ين ليرا ورتا هئا.

سٽي ٽرمينل کان ايئرپورٽ واريءَ بس ۾ چڙهي، روم جي ڏي تان الاٽاليا (Al Italia) جي هوائي جهاز ۾ لنڊن روانا ٿياسين.

# لنڊن

جهاز لا مارا ڏيندو، لنڊن تي لهندو ويو. اڏين لڳو، ڇڻ کنهن سڄاتل دوست کي قريب ايندو ڏسو وڃان. شوڪت، لياقت، پاپي نجم، نورسومرو، منوهر، نصير ۽ سائنس وابسته ٽيم ڪري به تي پاپيون. سڀ هڪ هڪ ٿي اکين اڳيان ڦرندا ويا. اتلي ته اجنبي ملڪ هو، جتي نه دوست نه يار. لنڊن ۾ ڪي ئي دوست، ڪئي يار آهن.

مون قمر کي مٿان هوائي جهاز مان ٿي ڏيکاريو. هي ٿي ور وڪڙ کائيندڙ نيري ليڪ ٿيمس ندي آهي. هي ڏبگ بين (Big Ben) آهي. ۽ جهاز زمين کي ڇهيو.

هيٿرو ايئرپورٽ کان ٻاهر اچي، ٽيوب ذريعي ارل ڪورٽ روڊ اسٽيشن تي آياسين، جتي اسانجي ڏانو جون غريبائيون هوٽلون آهن.

قمر کي اسٽيشن کان ٻاهر سامان سان ويهاري، مان هوٽل جي تلاش ۾ نڪتس. هڪ هوٽل جو بورڊ پڙهي اندر ويس. هڪ نوجوان ڇوڪرو هو. ان چيو ته سندس هوٽل ۾ جاءِ نه آهي. هن پنهنجي فون تان ٻه وار ڏين ٻن ٽن هوٽلن سان ڳالهايو. آخر هڪ هوٽل ۾ جاءِ ملي ويئي.

هي ڪ همراهه، هوٽل ڏيکارڻ لاءِ اسان سان پاڻ گڏجي هليو.

قمر ڪي ارل ڪورٽ اسٽيشن تہ ورتوسين تہ، هن پاڻ سامان کڻڻ شروع ڪيو. مون ڪيس ڏاڍو روڪيو، پر تڏهن بہ هو مشڪل سان ان تي راضي ٿيو تہ هو فقط هڪ ٿيلهو کڻي، ۽ باقي سامان مان ۽ قمر کڻون.

پرسان ڏي واروڪ روڊ تي اسانجي هوٽل هئي. هن اسانکي ان هوٽل جي مالڪ جي حوالي ڪري، اسان ڪان موڪلايو. مان ۽ قمر دم بخود ٿي وياسين، تہ نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، اسان الائي ڪهڙي ملڪ جا، پر هي انگريز، ڪيڏا نہ همدرد، ڪيڏا نہ مددگار آهن، جو هن ڇوڪري نہ رڳو فونيون ڪري هوٽل بڪ ڪرائي ڏني، پر ان هوٽل تائين سامان بہ کڻائي هليو.

لنڊن ايئرپورٽ جو هڪ واقعو هاڻي ياد آيو. ايئرپورٽ تي بہ هوٽل بڪنگ جو ڪائونٽر آهي. مون ان ڪائونٽر تان معلومات وٺڻ چاهي. ڪائونٽر تي ويٺل ڇوڪري اڳ ۾ ئي هڪ ٻئي ماڻهوءَ سان ڳالهائي رهي هئي. مون ٽڪڙ ڪندي، سندن وچ ۾ پئي، سوال ڪيو. هن مون ڏانهن ڏسي، مرڪي، تمام نرم، پنهنجائپ ۽ شرافت واري لهجي ۾ مونکي چيو، ”جي اوهان جو ڪم ايترو اهم آهي تہ، هن شخص ڪان اڳ ۾ مان توهانجو ڪم ڪريان، نہ تہ اوهان پنهنجي واري جو انتظار ڪريو.“

مونکي پگهر اچي ويو، ۽ ياد آيو تہ انگلنڊ (توڙي سڄي يورپ) ۾ هر ڳالهہ تي قطار هوندي آهي. جيستائين اڳيون شخص، پوريءَ طرح مطمئن ٿي قطار نہ ڇڏي، تيستائين ڏوري ڏوري ڏيهہ....

جيڪو يگانو ۽ يڪتا آهي. مان سمجهان ٿو ته قمر جي ڏِلاڻيءَ کان پوءِ اهو قالب ئي ڀڄي پيو، انڪري قمر جي قد بت ۽ فگر (Figure) جهڙي عورت دنيا ۾ ناپيد آهي.
جين جي چيلهه ۾ ٻوري ته، پاچن ۾ ٻڏگهي. جي پاچن ۾ ٻوري ته، ٻڏيگهه ۾ لمبي، اها چيلهه، پاچن ۽ ٻڏيگهه جي ترقمي حل ٿي نه پئي ٿئي. انڪري اهو ٿي روم وار و شعر 'ڪين ملي ڪا جين قمر جي' جهونگاريندي، اچي 'نئشنل آرٽ گئلري' جو در ورتوسين.

— —

# نيشنل آرٽ گئلري

انگريز ڪمال جي قوم آهن. هنن نه فقط پنهنجي مُلڪ جي، پر دنيا جي هر ملڪ جي شاهڪارن کي هٿ ڪري، محفوظ ڪيو آهي. هتان جي ميوزمن ۽ آرٽ-گئلرين تي جيڪو پهرو آهي، اهو رگو راڻيءَ جي بڪنگهام محل تي هوندو. چپي چپي تي ڪَرڙا محافظ، عقاب واريون اکيون ڦاڙيو بيٺا آهن. هتان ڪو انهن تصويرن کي هٿ لائي، هتان اهي انسان ذات جي عظيم ترين ۽ نفيس ترين حاصلات جا مظهر ضايع ٿي وڃن.

هن گئلريءَ ۾ دنيا جي هر مشهور ۽ اهم مصور جون تصويرون آهن. انگلنڊ جا ٽرنر ۽ ڪانسٽيبل، فرانس جا ماتيس ۽ پڪاسو، هالنڊ جا ريمبرانٽ، وان گوگ ۽ ريوبنس، اٽليءَ جو ليونارڊو ۽ رافيل. مطلب ته انگريزن هر ملڪ جو خزانو پاڻ وٽ محفوظ ڪيو آهي. وراندي ۾ گهڙڻ سان سڄيءَ گئلريءَ جو نقشو ڏسڻ ۾ ايندو.

هتي اٽليءَ جي فلاڻيءَ صديءَ جا شاهڪار آهن. فلاڻي نمبر هال ۾ فلاڻي ملڪ جي فلاڻيءَ صديءَ جي فلاڻن مصورن جون تصويرون آهن. ان ئي وراندي ۾، گئلريءَ جي هر تصوير جو نقل، وڏيءَ ٿوري ننڍيءَ سائيز ۾، معمولي

تو لڳي. رنگ جا وڏا وڏا چٽا (Patches) هئي، رنگن کي ملائڻ کان سواءِ ئي ڪنهن منظر يا پور ٽريٽ کي تخليق ڪرڻ. هن جو ئي ڪمال آهي، هن جي راءِ موجب تصوير جو هر جزو رنگ جو هڪ ايڪو آهي. ۽ مختلف رنگن جي مختلف ايڪن جي ترتيب سان ئي تصوير جڙي ٿي. ان نموني جون تصويرون چٽڻ فن جي دنيا ۾ وڏو انقلاب هو. ان کان پوءِ ئي ڪيوبزم (Cubisim) ۽ تجريدي (Abstract) مصوريءَ جنم ورتو.

هڪ مصور ڪنالي‌ٽوجي تصوير، حقيقت پسنديءَ (Realism) جي دور جي بهترين تصويرن مان آهي. اها آهي، "وينس جو هڪ نظارو" (A scene of Venice). وينس شهر جي ان نظاري ۾ جايون، جيئن اوري، تيئن وڏيون، جيئن پري تيئن ننڍيون. انهن جاين جو Perspfctive ايترو ته Exact آهي، جو هڪ هڪ در، دري، بالڪني، ونگ جو زاويو. هڪ هڪ ليڪ، هڪ هڪ نقطو ماپيل ۽ تڪيل توريل پيو لڳي. اها شيءِ جاميٽريءَ ۽ مصوريءَ، ٻنهي جي اونهي ابياس کان سواءِ ناممڪن آهي.

---

# برٽش ميوزيم

برٽش ميوزيم گهمڻ، هفتن جو نه، پر مهينن جو ڪم آهي. اسان ان لاءِ فقط هڪ ڏينهن رکيو. رڳو ان جي لئبرري ڏي ويهي ڏسجي، ۽ ان جو مشرقي ادب جو شعبو ڏسجي، ته به هفتا کپن. اسان ان ميوزم ۽ لئبرريءَ کي متاچرو ڏنو. لئبرريءَ ۾ دنيا جي مشهور مصنفن جي مشهور تصنيفن جا قلمي نسخا موجود آهن. گهڻو ڪري هر جڳ مشهور مصنف جا هٿ اکر هن لئبريءَ ۾ موجود آهن. انگريز عجب قوم آهي. هنن وٽ روس جي ڪارل مارڪس، فرانس جي سگمنڊ فرائڊ، ۽ ويزالس، اٽليءَ جي ڊانٽي، ۽ پنهنجي شيڪسپيئر جي ڪتابن جا قلمي نسخا موجود آهن. آٽوگراف سيڪشن ۾ جڳ مشهور اديبن، شاعرن، ۽ دانشورن جا هٿ اکر محفوظ ٿيل آهن. انهن ۾ ورڊس ورٿ، ڪيٽس، پوپ، ملٽن، ڪولرج (سڀ انگلنڊ جا شاعر) فرانسي شاعر فرانڪو ولان، فرانسيسي ڏاهي رُسو، مشهور اطالوي سنگتراش مائيڪل اينجلو، ڊچ مصور ريمبرانٽ، ۽ ٻين جڳ مشهور هستيين جا هٿ اکر محفوظ ٿيل آهن.

گهمندي گهمندي اچي انڊين گئلريءَ ۾ پهتاسين، جتي موهن جي دڙي مان لڌل ڪيتريون اصلي مهرون، ۽ پُتلا

جو ٻهريون نمبر انسان سڏيو آهي. اهو انڪري، جو هن ڪيس (ٻڌ ڪي) نه مڃيندڙن، ۽ سائنس اختلاف رکڻ وارن لاءِ هن ڪنهن به عذاب يا جهنم جي باري ۾ نه ڳالهايو آهي ۽ انهن کي نندي يو نه اٿائين.

مهاتما ٻڌ جا مختلف ملڪن جي مهاندن وارا مجسما ڏسي، شاهه لطيف جو شعر ياد آيو:

ايڪ قصر در لک، ڪؤڙين منجهس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪيا پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

برٽش ميوزم ۾ ٻي دلچسپ گئلري آهي 'مصري گئلري' (Egyption Gallery).

ان گئلري ۾، مصر جي فرعونن جون مميون (Mummies) ٻن هزارن ڪان به مٿي سالن کان محفوظ پيون آهن، مصري پنهنجي مُردن کي هزارن سالن تائين محفوظ ڪرڻ جي سائنس، اڄ کان به هزار سال اڳ ڄاڻيندا هئا. ميوزيم ۾ ممين جي ڪتبن جو ترجمو به لکيل هو، (اسان وٽ جيڪو مردو، خشڪ ۽ چن واريءَ زمين ڪري محفوظ رهجيو وڃي (اتفاقاً) ته ان جون تعريفون ٿينديون آهن — ان کي وڏو روحاني شخص مڃيو ويندو آهي، پوءِ هنن فرعونن، انهن جي جانورن (ٻلين، ڪتن، ۽ پکين جي ممين جي باري ۾ اهي ڇا چوندا؟)

ميوزم ۾ نه فقط انسانن جون، پر جانورن جون مميون پڻ موجود آهن، ۽ انهن جانورن جي ممين تي عجيب غريب ڪتبا لکيل آهن.

لڳي ٿو ته اهي جانور پنهنجي مالڪ فرعونن جا پالتو ۽ پيارا (Pets) هئا.

برٽش ميوزم مان نڪري، هڪ هنڌ سنئڪ ڪائي، ڪجهه پي، ڊاڪٽر شئڪل سان ملڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ ڏانهن وڌياسين.

لنڊن يونيورسٽي برٽش ميوزيم جي پٺيان ئي آهي. پنڌ ڪري يونيورسٽيءَ پهتاسين. يونيورسٽيءَ جي آفريڪي ايشيائي ۽ هندستاني ڊپارٽمينٽ ۾ ڊاڪٽر شئڪل جي آفيس پهتاسين. هو پاڻ موجود نه هو. سنڌس خاتون سيڪريٽريءَ ٻڌايو ته هو سياڻي ايندو. اسان ڪائنس شئڪل جي گهر جو فون نمبر پڇيو. هن ڏاڍيءَ نرمائيءَ سان اسان کان معافي ونندي چيو ته هوءَ ڪنهن کي به شئڪل جي گهر جو فون نمبر نه ٿي ٻڌائي سگهي. ڇو ته هن کي اهڙي اجازت ناهي. مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو ته، ”مان سنڌس ست سمنڊ پار کان دوست آهيان.“

هن وري به معافي ونندي چيو ته ”او هان نياپو لکي ڏئي وڃو. سياڻي هنڪي ضرور ملي ويندو.“

مون پنهنجي هوٽل جي ائڊريس ۽ فون نمبر لکي سنڌس حوالي ڪيو. ۽ اسان مادام تساد کي ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌياسين.

---

## مادام تساد

جي محمود غزنوي هي بتخانو ڏسي ها، ۽ کيس جماليات جو حس (Aesthetic Sense) هجي ها ته، بت شڪنيءَ کان توبه ڪري ها. هنن بتن کي ڀڃڻ لاءِ تيشي يا متر ڪي جي ضرورت ناهي، هنن کي هٿ لايو ته رجي پوندا، ڇو ته اهي ميڻ جا بت آهن. سنگمرمر جا ناهن. فيض جو شعر آهي:

جیسے مغرور حسیناؤں کے برفاب سے جسم
گرم ہاتھوں کی حرارت سے پگھل جاتے ہیں

هن ميڻ جي بتن جي بتخاني جو بنياد هڪ خاتون مادام تساد وڌو. سڀ کان پهرين اها نمائش فلپس ڪرٽس جي نالي سان ٿي، جيڪو جرمن ڳالهائيندڙ ۽ سئٽزرلئنڊ جو رهاڪو هو. ١٧٧٠ع ۾ پئرس جي پئلي رايل ۾ پهرين نمائش ٿي، پوءِ مادام تساد، جيڪا ڪرٽس جي اڪيلي وارث هئي، تنهن اها نمائش ڪرڻ شروع ڪئي. ١٨٣٥ع ۾ ان کي لنڊن جي بيڪر اسٽريٽ ۾، موجوده جڳهه تي آندو ويو.

بيڪر اسٽريٽ پهتاسين ته، ننڍي هوندي پڙهيل هاسي مل ٻيسي مل ناٿاڻيءَ جا جاسوسي ناول ياد اچي ويا، جن ۾ اڪثر ان اسٽريٽ جو ذڪر هوندو هو. ان وقت ائين لڳندو هو، ڄڻ بيڪر اسٽريٽ ڪا وچتر جڳهه هجي، جنهن ۾

پر اهو وڏو مسئلو نه هو، گهر اچي، پاچا ڪٽي، جين ڪي
فٽ ڪرڻ مشڪل نه هو.
مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، ۽ منهنجو روم وارو شعر مڪمل
ٿي ويو.

جهرڪيون پايو چيچ وجهو –
گپايو گپايو – تاڙيون وڄايو –
نيٺ ملي وئي
نيٺ ملي وئي
جين قمر جي.

—

## ڊاڪٽر شئڪل

ڊاڪٽر ڪرسٽوفر شئڪل انگريز آهي. لنڊن يونيورسٽيءَ جي آفريڪي ايشيائي ۽ هندستان جي شعبي ۾ اسڪالر آهي. ۱۹۷۴ع جي فبروريءَ ۾، ملتان مان لکيل سندس خط مليو هو، لکيائين:

'مان لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ پنجابي ۽ اردوءَ جو ليڪچرار آهيان، اڄڪلهه ملتان ۾ آهيان ۽ سرائڪيءَ تي ريسرچ ڪريان پيو. مان خيرپور اچي سچل سرمست جي مقبري تي وڃڻ چاهيان ٿو. فلاڻيءَ تاريخ خيرپور ايندس. منهنجي مدد ڪندا.'

مقرر تاريخ تي مون وٽ پهچي ويو. ڊگهو، مضبوط، ۽ سرڪندڙ جوان، ايندي شرط مون سان رچند سرائڪيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڻ جا اچار اهڙا ته صحيح ۽ چٽا ڪڍيائين، جو مان حيران ٿي ويس.

پڇيو مانس، "هتي اڳي ڪڏهن آيو آهين؟"

جواب ڏنائين، "پاڪستان ۾ پهريون دفعو آيو آهيان."

وڌيڪ حيران ٿي پڇيو مانس، "ته پوءِ سرائڪي ڪٿي سکيئه؟"

وراڻيائين، "لنڊن يونيورسٽيءَ ۾."

جي ماهر ڊاڪٽر سان ٻه اپائنٽمينٽ هئي. انڪري اهو موقعو ماڻي نه سگهياسين. شڪل ڏاڍو پيارو دوست، محنتي اسڪالر، ۽ ذهين عالم آهي. انڪري نه هن بيزاري ڏيکاري، ۽ نه اسان ٿي آٿڻ جي ڪئي. ڳالهين ۾ اڻن مان هڪ ٿي ويو ۽ اسان مناسب سمجهيو ته هاڻي ڪانئس موڪلايون. ٻئي دفعي ملڻ جي آس ڪئي، ڪانئس موڪلايوسين.

# دل جي ڳالهه

١٩٧٠ع کان منهنجي دل بد معاشي شروع ڪئي آهي. هڪ ڌڪ هڻي ته هڪ نه هڻي - ٻه ٽي تڪڙا ڌڪ هڻي، خاموش ٿي وڃي. عجب مصيبت ٿي - مان ته پريشان ٿيس پر قمر کي وڏيڪ ڳڻتي ٿي. حيدرآباد، ڪراچي، دل جي بيمارين جو قومي ادارو، وڏا وڏا ماهر سيني چيو، Moycardial Isch-aemia آهي. مڪمل آرام ڪر. ڇهه ڇهه هفتا بستري تي، غذا رڳو شوروو. سڄي ڪائنات رڳو بيڊ روم ، هڪ ڪمرو، جنهن مان سج لهي، ته به نه ڏسجي، ۽ جي ابري، تڏهن به نظر نه اچي.

دل جي ان بد معاشيءَ لنڊن ڏيکاري.

رت جي تپاس ڪرايم، ايڪسري ڪرايم. ان کان پوءِ هارلي اسٽريٽ ۾ دل جي بيمارين جي مشهور ماهر ڊاڪٽر اسپرويل وٽ ويس. نيڪ وقت تي سڏ ٿيو، اتي بيهي ڏاڍيءَ گرمجوشيءَ سان هٿ ملايائين. اها گرم جوشي هر انگريز وٽ هوندي آهي، يا ڪاروباري معاملن ۾، ۽ يا اڳ جي واقفيت هجي. نه ته ڪلاڪ ساڳيءَ ريل ۾ ساڳيءَ سيٽ تي ويٺل ٻه انگريز، هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ته پري، پر هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا به ڪونه.

ڏوري ڏوري ڏيهه...

ڪي سواءِ ڪنهن Tension جي، کلندي کلندي ڪندا.
جڻ اهو هنن لاءِ ڪا مصيبت ناهي، پر هڪ رواجي راند آهي، ۽ آرام ۽ عيش ٻه اهڙيءَ وفاداريءَ سان ڪندا، جنهن سان ڪم ڪرڻ گهرجي. مون اسپتال جي پورٽرن کي ترالين ڌڪيندي مهل بيفڪريءَ سان سيٽيون وڄائيندي ڏٺو. هنن جي انهيءَ حرڪت تي نڪو نرس منهن بجڙو ڪيو، ۽ نه وري سرجن ڪاوڙيو.
رات جو ياد آيو ته E-C-G ڪرائڻ وقت مان پنهنجي رولي‌ڪس واچ ڊاڪٽر اسپرويل جي ٽيبل تي ڇڏي آيو هوس، پنهنجو ملڪ ته هو ڪونه جو فڪر ٿئي ته اها واچ ويئي. آرام سان ننڊ ڪئي سين، ٻئي ڏينهن فون تي خبر چار ورتي سين، ڊاڪٽر اسپرويل جي خاتون سيڪريٽريءَ ٻڌايو ته برابر واچ اتي پيئي آهي، سنڌس ڪلينڪ ۾ پهچي، رسيپشن مان فون ڪئي سين. خاتون سيڪريٽريءَ چيو ته مٿي هليا اچو. اسان جي لفٽ جو اچا دروازو مس کليو ته خاتون سيڪريٽري واچ هٿ ۾ جهلي بيٺل نظر آئي. اسان واچ وٺي، لفٽ مان ٻاهر نڪرڻ کان سواءِ ئي هيٺ آياسين. مون سوچيو: هنن ماڻهن کي پنهنجي ۽ ٻين جي وقت جو ڪيڏو قدر آهي.

---

## شاپنگ

شاپنگ هر عورت لاءِ ڪمزوري، ۽ هر مرد لاءِ بيزاري آهي. شاپنگ ـ سا ٻه لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ ۾، جنهن کي Shoppers paradise چوندا آهن. قمر چيو جيئري جاڳندي جنت ۾ پهچي ويئي. هئرڊس ۽ سيلفريجز لنڊن جا وڏي ۾ وڏا شاپنگ سينٽر آهن. پنج ماڙ ـ سئيءَ کان وٺي موٽر ٽائين، هر شيءِ موجود. اندر خوبصورت ڇت جو باغ (Roof Garden)، ۽ ريسٽوران. جي ٽڪجي پئو ته ائي وڃي ساهي پٽيو. ڏيهن روپين کان وٺي، هزار رپين جي ٿاءُ موجود. غريب امير ڪي پنهنجي پنهنجي کيسي ۽ پسند آهر شي ملیو وڃي.

انهن ڏينهن ۾ سيل (Sale) هجڻ سبب انهن دڪانن تي ڪلهي گس جيتري رش هئي. هر هر قمر کان قطار ۾ بيهڻ وسري وڃي، شيءِ چوندي، کڻي، سڌو ڪائونٽر واري جي اڏو. خبر تڏهن پويس، جڏهن ڪائونٽر وارو يا قطار ۾ بيٺل ڏيان ڇڪائينس، تڏهن مس مس وڃي ڳالهه سمجهه ۾ وهيس.

انگريز هر معاملي تي قطار لڳائين. بس هجي يا ريل، هوٽل هجي يا سئنيما. مان سمجهان ٿو ته چمندا، ۽ مرندا به قطار

۾ هوندا. ايڏي نظم (Discipline) جي ڪري (جيڪو اسان رڳو قائدِ اعظم جي اصولن ۾ پڙهيو آهي، ڏٺو هرگز ناهي) نہ ڪنهنجي حق تلفي ٿئي، نہ ڪو دنگو فساد ٿئي، ۽ نہ ئي وري ڪا دير ٿئي. هرڪو ڪم سولائيءَ ۽ سيبتائيءَ سان جهٽ ۾ اڪلايو وڃي. ڏاڍو سوگابو واري ڪار اسان وٽ ئي آهي.
قطار تي هڪ ٻي ڳالهہ ياد آئي: مان ۽ شوڪت بوسٽن ريلوي اسٽيشن تي لٿاسين، ٽئڪسيءَ جي اسٽئنڊ تي قطار ايتري تہ ڊگهي هئي، جيڪا اسان وٽ ڪنهن سني فلم جي پهرئين ڏينهن جي پهرئين شو تي لڳندي آهي. (ٿرڊ ڪلاس جي دريءَ تي). مون ايڏي ڊگهي قطار ڏسي شوڪت کي چيو، "مائٽ مري وياسين، هتي تہ ڪلاڪ لڳي ويندا."
شوڪت چيو، "مائٽ گهٻراءِ نہ اها قطار منٽن ۾ ٿي ختم ٿئي."
اسان وڃي ان فرلانگ ڏيڍ ڊگهي قطار جي چيڙي ۾ بيٺاسين. قطار جي اڳتي وڌڻ جي رفتار ڪافي تيز هئي. ٽئڪسي آئي، در کولي ساٿهو ويٺو، در بند ٿيو، زين، ٽئڪسي وئي. وري ان جاءِ تي ٻي ٽئڪسي. واقعي شوڪت جي چوڻ موجب منٽن ۾ فيصلا ٿي ويا.
سئلفرجز ۽ هئرڊس قمر لاءِ روزانو معمول ٿي پيا. جيترا بہ ڏينهن لنڊن ۾ هئاسين، انهن جي زيارت ڪرڻ، ۽ عقيدتمنديءَ طور هزار بہ نذر رکڻ سندس لاءِ ثواب هو.
هڪ ڏينهن مزيدار واقعو ٿيو. اسانکي پارس، مارئيءَ ۽ سرمد

ٿي ويو. انگريز، تميز، اخلاق ۽ رواداري ڪڏهن به هٿان وڃڻ نه ڏين. جي چور کي چوري ڪندي پڪڙين ته به ڏاڍيءَ نرميءَ، اخلاق ۽ شرافت سان کيس چون، ”ڏسو جينٽلمئن، اوهان چوري ڪري رهيا آهيو.“

اهي شاپنگ سينٽر نه فقط خريدارن جي جنت آهن، پر عام معلومات حاصل ڪرڻ جون جايون پڻ. اتي بازار جي اڳهن کان سواءِ گهر کي صاف رکڻ جا سامان، ڪاٺ ي بنائڻ جا اوزار، بجليءَ جي گوناگون اوزارن سان واقفيت ٿئي ٿي.

## ليسٽر ڏانهن

جنهن ڏينهن ليسٽر ڏي وڃڻو هو، ان ڏينهن صبح سان برسات پوڻ شروع ٿي، دل بهار بهار ٿي وئي. برساتين جي بغل ٽيلهن جو بار، جيڪو گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڪٿي ٽڪا هڻاسين، اڄ انهن کي پاڻ جو سونهري موقعو ملندو ۽ انهي بغل ٽيلهن جا ٽڪ ٿي لهي پوندا. مون قمر کي چيو، ”ليسٽر ڏانهن هلڻ وقت برساتين وارو ٽيلهو نه وسارجانءِ. ڏس، برسات شروع ٿي ويئي آهي.“

نور سومري جي فون تي فون هئي. نه رڳو هن جو هانءُ ٿي ڦاٿو، پر اسانجو پڻ. منگسيءَ جي ڪار هئي، اها ليسٽر ڏي وينڊز شاهراهه تي آسي، نوي، سو ميل جي رفتار سان ڊوڙڻ لڳي. مون کي اچي ڊپ ورتو، مون منگسيءَ کي چيو ته، ”بارش ٿي پوي، متان ڪار سلپ ڪري، انڪري رفتار گهٽاءِ.“

منگسيءَ ڪلي اچا به ايڪسيليٽر تي زور ڏنو ۽ چيائين، ”هتان جا رستا سلپ پروف آهن، تون گهبراءِ نه.“

۽ پوءِ هڪ دفعي هيٺ لهي مون رستي کي جاچي ڏٺو ته واقعي رستا ايڏا ته کهرا آهن جو ڪار سلپ ٿيڻ جو امڪان ئي ناهي. رستي ۾ لوهه جا ٽڪرا ڏامر سان گڏ پيل هئا.

ٻاهر نڪتاسين، مينهن بلڪل بند ٿي چڪو هو.
ليسٽر وارو رستو، برطانيه جي حسين ترين شاهراهن مان آهي. برج ۽ اوڪ وڻن سان جهنجهيل، حد نظر تائين ساوڪ. جبل، لاهيون. چاڙهيون، ور وڪڙ، سڀ ساوا. هڪ هڪ وڪڙ سهڻو، هڪ هڪ چاڙهي حسين، هڪ هڪ لاهي خوبصورت. چاڙهي چڙهو ته هيٺ سايون ترايون ۽ ميدان. ٻنين ۾ متاريون، سهڻيون ڳاڙهيون ڍڳيون، ڪنڌ هيٺ ڪري، گاهه چري رهيون هيون. ڏٺن جا ڏڻ، انهن ڏٺن کي ڪنڌ هيٺ ڪري چرندو ڏسي مونکي محسوس ٿيو ته وردس ورٿ جي ذهن ۾ اها سٽ ڪيئن سر جي هوندي ته:
There are forty feeding like me .

---

# ليسٽر ۾ يادگار رات

منجهند جو ٻي وڳي ڌاري ليسٽر پهتاسين. ليسٽر جو شهر مغرب ۾ مشرق آهي. هتي هندستاني ۽ پاڪستاني، انگريزن کان گهڻا آهن. شهر ۾ گهمڻ سان ئي اهو احساس ٿو ٿئي، ڄڻ هيءُ يورپ ناهي، پر هند پاڪ ننڍي کنڊ جو ڪو شهر آهي. رستن تي اسڪرٽن کان وڌيڪ ساڙهيون نظر اينديون. بازار ۾ سنبوسن، دهي ٻڙن ۽ سيخ ڪبابن جا دڪان. هندستاني ساڙهين جا ڪئي وڏا وڏا شاپ. سئنيمائن ۽ رستن تي ڀارتي فلمن جا پوسٽر. هتان جي سئنيمائن ۾ گهڻو ڪري ڀارتي فلمون هلن. هتي پان، مٺائي ۽ سيپون به مليو وڃن. هن شهر ۾ قدم رکڻ سان ياد ئي نه رهيو ته ڪو اسان يورپ ۾ آهيون.

نور سومرو، هاءِ وي جي شهر ۾ داخل ٿيڻ واري هنڌ اسان جو منتظر هو. هن جو هانءُ به ٿي ڦاٿو ته منهنجو به ـــ اسان ٻنهي جون اکيون مليون، ۽ پوءِ سينا. ٻانهن هڪ ٻئي کي جڪڙي ڇڏيو.

هن جي ڪار اسان کان اڳيان هلي اسان جي رهنمائي ڪئي. اسان ٿامپسن ڪلوز، رشي ميڊ کان ٿيندا سندس جاءِ تائين پهتاسين.

نور سومري جي گهر وڏو انبوهه هو. اهو Rendez Vou ڏوري ڏوري ڏيهه....

منهنجي حياتيءَ جو بهترين Rendez Vou هو. سالن کان وڇڙيل دوست موجود هئا. منوهر، وڏا وڏا ٺهڪ ڏيڻ وارو منوهر. وڏا وڏا ٻجا ڏيڻ وارو، ۽ وڏا وڏا ٻجا کائڻ وارو منوهر. منوهر ويهن سالن کان پوءِ نظر آيو. سا ڳيو حليو، چنچل بيتڪلف، قربائتو. سندس زال، امڙ (جيڪا ڪياني مينشن حيدرآباد ۾ تقريباً روز اسان کي لنچ کارائيندي هئي) ۽ ڀيڻ نصير جمالي، ۽ سندس ٻه ٻار. آدم ۽ آڏرن مانچسٽر کان آيا هئا. شوڪت به انتظار نه ڪري سگهيو، ڪنگس لين کان آيو. شوڪت. دل وارو شوڪت، دل ڦينڪ، پلي‌بواءِ، دلبر دوست ـ ٻڪين پئجي وياسين. پيئندا، کائيندا، هڪ ٻئي کي وڏا ٻجا ۽ هلڪيون گاريون ڏيندا، مانيءَ جي ٽيبل تي پهتاسين.

رات جو وري محفل ٿي. سو مري ۽ منو هر جون ماڻرون اسان کي ايڏو بيتڪلف ۽ موڊ ۾ ڏسي، عجب ۾ پئجي ويون. نور سومري، منوهر کي اک هڻي. منوهر پنهنجي ڪارجي ڊگيءَ مان ’ٽانڪ‘ ڪڍي آيو. ۽ ٻنهي ڪراڙين کي پياريائين. چيائين اوهان کي طاقت ڏيندو.

اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ نور سومري جي امڙ چيو، ”ابا مون کي الائي ڇا ٿو ٿئي. ڪن گرم ٿيندا ٿا وڃن.“

کلندي کلندي ڪيس سمجهايوسين ”امان، طاقت جي دوا جو آهي. نيٺ ته اثر ڏيکاريندي.“

مون منوهر کان پڇيو، ”تنهنجي ڀيڻ ٻشپا اجڪلهه ڪٿي آهي.“

جي دوستيءَ جي دوستي آهي. کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ ۾ سنگت ساٿ لاءِ ضروري آهي، پر سنگت جو بنياد آهي گوڙهن ۽ ٿڪن جو ساٿ، ڏک سک ونڊڻ وراهڻ.

برمنگهام يونيورسٽيءَ جي دل جي شعبي جو ماهر، جڳ مشهور ڪارڊيالاجسٽ، ڊاڪٽر سنگهه، منوهر جو گهرو دوست آهي. منوهر ۽ پين سيني دوستن جي صلاح ٻيلي پنهنجي متعلق ان سان ۾ مشورو ڪيان. پروگرام اهو ٻيٺو ته ٻئي ڏينهن، اسان شوڪت سان ڪنگس لين (Kings Lynn) ويندا سين، ۽ منوهر ڊاڪٽر سنگهه کان اپائنٽمينٽ وٺي اسان کي اتي فون ڪندو.

ٻئي ڏينهن ننڍ مان اٿيس ته، نور سومرو سو يل ٿي ڊيوٽيءَ تي وارو ڪ لاءِ نڪري ويو هيو. شوڪت اچا نه جاڳيو هيو، پاپيءَ مسز سومرو ماني ٻئي تيار ڪئي، امان ۽ قمر سان ڳالهيون ويٺي ڪيون.

رات جو اسان ڳالهين ڳالهين ۾ ذڪر ڪيو هيو ته هن ملڪ ۾ پاڪستاني سڏائڻ وڏي مشڪل کي منهن ڏيڻ آهي، ڇو ته انگريز خاص ڪري پاڪستانين کان متعصب آهن. ڪجهه پنهنجي تعصب سبب، ڪجهه اسان جي ملڪين جي افعالن ڪري. امان کي ان ڳالهه جو ڏاڍو فڪر هيو. ويٺي ويٺي قمر کي چيائين، ”امان، پوءِ ان جو نالو ڇو نه ٿا مٽائن؟“

قمر پڇيو، ”ڪنهنجو نالو امان؟“

چيائين، ” انهيءَ پاڪستان جو پيو وري ڪنهنجو. جي

انگريز ان ڪان نفرت تا ڪن ته پوءِ نالو مٽائي ڪري سنڌ رکن. اسان پاڪستاني ٿي نه سڏائيندا آهيون ته هي مٿا انگريز نفرت ڪيئن ڪندا؟"

هائي امان کي ان مسئلي جي اهميت ڪيئن سمجهايون ته ٿالي مٽائڻ سان ملڪ نه مٽبا آهن.

نور تي ڏاڍي ڪاوڙ هيس. پر ان ڪان وڌيڪ منوهر تي. چيائين، "ابا، ان منور (منوهر) جو منهن ڪارو ٿئي. منهنجو ته منهن ڪارو ڪيو ٿي اٿس پر منهنجي پٽ (نور) جو به هٿي منهن ڪارو ڪري ڇڏيو اٿائين."

قمر پڇيس، "امان اهو ڪيئن؟"

چيائين، "امان، مونکي دلبو ڏئي هتي وٺي آيو ته توکي حج ڪرائيندس. ۽ هتي مونکي رلا ٿي ڇڏيائين."

امان خبرون ڪندي رهي، پر پاپي بدستور خاموش رهي. بهرحال، منجهند جي ماني کائي، شوڪت جي مرسيڊيز ۾ ڪنگس لين روانا ٿياسين.

ڪنگس لين واري شاهراهه، وڏڪار واري شاهه راهه آهي. ڊگها ڊگها، ڇهڇ ساوا وڻ، ڇهڇ ساوا پٽ. ايڪڙن ۾ گلابن جا کيت. حد نظر تائين سرخ گلاب. جن 'آتش گل' واري تشبيهه اتي سمجهه ۾ آئي. سج لهڻ وقت، هڪ ننڍي ڳوٺ جي پب (Pub) ۾ ترسي ڪجهه سنئڪ ورتاسين ۽ ۽ جوا جي مشين تي قسمت آزمائي ڪئي سين. ڳوٺن جون پب انگلنڊ ۾ شهرن جي پب کان وڌيڪ سينگاريل، سهڻيون ۽ سانتيڪيون هونديون آهن.

سون شوڪت کي چيو، "هتي ته نور سومري لاءِ مزو آهي. جوا جي مشين هر هنڌ موجود. ڪيفي هجي يا پب، بيچ (Beach) هجي يا ڪلب، اسٽيشن هجي يا سئينما، هر هنڌ جوا جي مشين موجود، پئسا وجهو، تصويرون ڦرن، ڪانٽو هڪ تصوير تي بيهي. جي لڳايل پئسا ان تصوير تي آهن ته ڪڙ ڪڙ ڪري مشين مان ڪتيل پئسا نڪرندا، نه ته اوهانجا مشين ۾ وڌل پئسا به گم.

جوارين تي سنڌيءَ جو هڪ محاورو نهڪي ٿو اچي. اهو آهي 'پڃيءَ ڪي قبر تائين آسرو' هر جواري مرڻ گهڙيءَ تائين داءُ لڳائيندو آهي. ان آسري ۾ ته متان هن داءُ ۾ هو لڪاپتي بڻجي وڃي. سونکي پئسن جي داءَ کان دل جو داءُ پسند آهي.

دل جي بازيءَ تان اگر دل به کٽي ويندا سين
ويندي ويندي به ڪوئي داءُ هٽي ويندا سين

# ڪنگس لين

رات جو نوين وڳي ڌاري، ڪنگس لين ۾ لياقت جي گهر پهتاسين. رات جو ڊرائيونگ ۾ ذرو به تڪليف نه ٿي، رستي جي هر ٽريڪ (Track) کي ڪئٽس آءِ (Cats Eye) ( چمڪندڙ ٽڪن ) جي ذريعي روشن ڪيو ويو هيو. جي انجڻ جو جهاڪو هجي ته به ميلن کان اڳ ڏهه ’خبردار‘ جا چمڪندڙ بورڊ هجن. بورڊ پڙهي ائين لڳي چڻ اڳيان ڪا وڏي ڪاهي آهي، پر جڏهن جهاڪي تي پهچجي ته انگريزن جي فضول خرچيءَ تي ڪِل اچي. معمولي جهاڪي لاءِ ايڏا ۽ ايترا بورڊ ٿا هڻن. شوڪت ٻڌايو ته ان معمولي جهاڪي جي ڪري جي ڪو حادثو يا نقصان ٿئي، ته انگريز دعوي ڪري، سرڪار کان لکين پائونڊ پرايو وٺن.

لياقت جو ڪنگس لين وارو نئون گهر ڪشادو ۽ سهڻو آهي، سندس دل وانگر. اتي ڀاڀي ناهيد (مسز شوڪت) ڀاڀي نجمه (۱) (مسز لياقت) شهزاد، سنڌو، ۽ سورٺ (شوڪت جا ٻار) موجود هئا. ائين لڳو چڻ پنهنجي ئي گهر ۾ آيا آهيون. ڪلاڪ به حال احوال ڏنوسين، ۽ پوءِ سمهي پياسين.

صبح ٿيو ته قمر پنهنجي مرغوب مشغلي شاپنگ لاءِ تيار. ڀاڀي ناهيد کان وڌيڪ ’شاپنگ گائيڊ‘ انگلنڊ ۾ نه ملندي.

---

(۱) عرف جمنا خاله (شوڪت جا ٻار ائين چوندا اٿس)

وڻندڙ ماحول، جنهن منهن روح ڪڪرن تي ويهي، هلڪو ڏي، آهستي آهستي مٿي چڙهندو وڃي. مون وري دريءَ مان ٻاهر درياهه ڏي نظر ڪئي. مون کي شاهه لطيف جو بيت ياد آيو:

لهرن لک لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو.

وري مونکي خيرپور ياد آئي، مير واهه ياد آيو. سکر ياد آيو. سنڌو ياد آئي، ۽ ان مان نڪرندڙ ست واهه ياد آيا. ”برابر پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو آهي.“ مون شوڪت ۽ قمر کي چيو. ”پر اڻ پاڻيءَ جي پر ۾ رهندڙن جي ذوق تي به منحصر آهي. لهرين جا لک لباس. ماڻهن جي مختلف قسمن جي ذوق سان آهن. اسان وٽ به واهه آهن، درياهه آهن، پر هنن ماڻهن کي ڪيڏو نه ذوق آهي، جو درياهه جي ڪناري تي هڪ خوبصورت رسيتوران اڏي اٿائون، جتي روز شام جو سينگار جي سنوارجي، سوين مرد ۽ عورتون ان درياهه جو نظارو ڪرڻ اچن ٿا. هنن جي هٿن، فطرت جي حسن لاءِ زيور گهڙيا آهن، هنن پنهنجي ڌرتيءَ جي انچ انچ کي ڪيڏو نه حسين، پر سڪون ۽ آرام ده، بڻايو آهي. سکر يا خيرپور ۾ ڪارو َر ويو آهي، جتي ويهي اسان چار گهڙيون گڏ گهاريون. هلڪا هلڪا جلترنگ جهڙا ٽهڪ ٻڌون، دک درد وساريون، ۽ سڄي ڏينهن جي ٿڪ جي دز ذهن تان ڌوئي ڇڏيون؟

پرسان ٽيبل تي هڪ چانڊوڪيءَ جي رنگ جهڙي انگريز حسينه اڪيلي ويٺي هئي. مون ان سان ”هلو (Hello) ڪئي،

ڏوري ڏوري ڏيهه....

هستئنان ٻيهچ تي هلجي.
انگريزن لاءِ درياهہ، ڍنڍ، ۽ سمنڊ جو ڪنارو وڏي نعمت آهي. جتي پاڻي هوندو، اتي هزارن جي تعداد ۾ انگريز موڪلون ملهائڻ ايندا. انهن ڪنارن کي هو اهڙو ته سهڻو بنائيندا جو فطرت به شرمندي ٿئي. هن سامونڊي ڪناري کي به ائين سجايو اٿانون. اکين کي ٺاريندڙ روشنيون. سهڻيون سينگاريل پبس (Pubs). انهن ۾ خوبصورت، با مروت ۽ مرڪندڙ بارٽينڊر. اتي پهچي، جنت ۾ وڃڻ جي تمنا ڪهڙو ڪافر ڪندو.
ٻارن لاءِ وندر جو خاص انتظام. رانديون، ننڍڙيون ريلون، وڏن لاءِ جوا جون مشينون.
اهڙيءَ ئي هڪڙيءَ پب جي اڱڻ ۾ پيل ڪرسين تي، سمنڊ ڏي منهن ڪري ويٺاسين.
مون لياقت کان پڇيو، ”هي انگريز ايڏو پئسو ٿا وڃائن. ڇنڇر جي شام جو پبس، پڪنڪ اسپاٽ ڪچا ڪڇا ڀريل هوندا آهن.“
هن مرڪي چيو، ”هنن کي ڪهڙي پرواهہ آهي. هنن جي هر گهٽتي حڪومت جي گهٽتي آهي. هنن جي علاج لاءِ حڪومت جوابدار. پوڙها ٿين ته، پينشن ملين، ٻارن جي تعليم ۽ روزگار لاءِ به حڪومت ذميوار. جي معذور يا بيڪار ٿين ته به الائونس ملين. باقي بچائن ڇا جي لاءِ. بيروزگار ٿين ته به حڪومت بي روزگاري الائونس ڏئين، ۽ جي پئسا بچائين ته ان تي ٽئڪس ڀرڻي پوين، انڪري

۽ نہ سنڌ الاجيءَ وٽ. ڇو تہ هو واٺيو هو.
نارو ڀڳت جو لافاني آواز گونجيو:
ڪاٽو ڦريمن اڳيان
ڪتيم ڪينڪي ڇا ٻڌايان.
اڪين آڏو اهو زمانو ڦري ويو، جو سن ٥٦-١٩٥٧ع ۾
نور سومرو لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو جنرل سيڪريٽري
هو، ۽ اسان ڪاليج ۾ پهريون دفعو لطيف ڏينهن ملهايو
هو، ۽ نارو ڀڳت کي ڇام شوري وٺي آيا هئاسين. هن
لطيف جي راڳ ۾، سپردگيءَ جي انداز ۾ پنهنجو پاڻ
وڃائي ڇڏيو هو. سندس انگ انگ، سندس هڪ هڪ وار
ان ڪلام ۾ گم هو. هو نہ فقط ڳائيندو هو، پر سندس جسم
جو هر عضوو تحرڪ ۾ اچي، ان ڪلام جي عملي تصوير
پيش ڪندو هو.
مان ۽ نور سومرو اٺي نچڻ لڳا سين. اسان جو من، نارو
ڀڳت جي تال سان تال ملائڻ جي وجد ۾ اچي ويو. اسان جا
جسم راڳ جي لهرن ۾ لڙهندا ويا ۽ اسان نارو ڀڳت جي
راڳ سان رلمل ٿي وياسين.
عابده پروين جي ٽيپ لڳي:
موٽ وسندڙي مينهن الا
لالڻ! لاءِ نہ ڏينهڙا
منهنجي اکين آڏو الطاف اچي ويو. منهنجو دوست الطاف،
منهنجو ڀاءُ الطاف، منهنجو معشوق الطاف. نيٺ مان ٽمرٽمر
مينهن وسڻ لڳو. مينهن وسيو پر الطاف نہ موٽيو. لالڻ ڏاڍا
ڏوري ڏوري ڏيهہ....

ڏينهن لڳايا آهن. قمر جو ن ا ڪيو ن پڻ ر م جهم هيو ن.
نور سومري پڇيو، ”هيءُ ڇا آهي.“ قمر سڏڪندي سڄي ڳالهه ٻڌايس.

اها رات، رڙندي ڪلڪندي، نچندي ٽپندي گذري ويئي. ٻئي ڏينهن اسان ريل گاڏيءَ ۾ برمنگهام روانا ٿياسين.

برمنگهام انٽرنئشنل اسٽيشن تي پهچي، منوهر کي فون ڪئي سين. منوهر ڪار کڻي اسانکي وٺڻ آيو. ڪولس هل (Coles Hill) ۾ پنهنجي گهر وٺي ويو. ڪولس هل، برمنگهام کان ڏهه ميل کن ٻاهر هڪ صاف سٿرو ۽ سهڻو ڳوٺڙو آهي، جتي منوهر جو گهر آهي. منوهر جو گهر وڏو (انگلنڊ ۾ عام طرح ننڍا، پر سهڻا صاف ۽ هر سهوليت وارا گهر آهن.) سينگاريل ۽ آرام ده هو. پر سڀ کان وڏي خوبي منوهر جي گهر جي هئي Warmth. انگريزيءَ ۾ ان لفظ جي معنيٰ گرمي آهي، پر اهو لفظ استعمال ٿيندو آهي آدرڀاءُ جي گرمجوشيءَ سان. منوهر ٻڌايو ته ڊاڪٽر سنگهه ٽيڪنيشن کي سڏائي نه سگهيو (ان ڏينهن سنگهه جو اسپتال ۾ وهڻ جو ڏينهن نه هو، منوهر جي دوستيءَ سبب، خاص منهنجي ڪري اسپتال ۾ آيو هو، ۽ ٽيڪنيشن کي به خاص منهنجي ڪري سڏائڻو پيس.) ٽيڪنيشن نه هئڻ جي ڪري رات گذارڻ جو مسئلو هو. مون انجو ذڪر ڪيو ته منوهر شرارت سان مرڪي، پنهنجو دستوري ٻجو ۽ هلڪي گار استعمال ڪري چيو، ”— ! هيءُ گهر وري ڪنهنجو آهي.“
۽ شام جو مان ۽ منوهر، ماضيءَ جي اونهاين ۾ گم ٿي

ڪليءِ چيس ته، ”اڙي چپ، هو ٻيار ۽ چرچي ۾ هڪ ٻئي
کي چپ چوندا آهن.“
مونکي ٻاٻيءَ مسز سومرو جي چپ چپ رهڻ جو سبب
هاڻي سمجهه ۾ آيو. وري ليسٽر وڃڻ جو پروگرام ڪونه هو
جو ٻاٻيءَ کان معافي وٺي سگهون ها. بهرحال نور سومري
کي چيوسين ته: ٻاٻيءَ کان اسانجي پاران معافي وٺي ڇڏي.

---

# شيڪسپيئر جو شهر

ٻئي ڏينهن، شيڪسپيئر جي شهر، اسٽرئفورڊ اپان ائون ويا سين. هيءُ شهر، سو مري جي اسپتال کان ڏهه پندرهن ميل پري آهي. شهر ننڍو آهي، پر هشام ماڻهن جا، سوين ٽوئرسٽ بسون ۽ هزارين ٽوئرسٽ، ڪلهي گس جيڏي پيڙه هيءُ شهر به دنيا جي انهن ٿورن شهرن مان آهي. جن ۾ شهر جي اصلي رهاڪن کان وڌيڪ تعداد ۾ ٽوئرسٽ نظر ايندا.

سڀ کان کان پهرين شيڪسپيئر جو گهر ڏٺوسين. رواجي انگريزي گهر آهي، پر ان ۾ شيڪسپيئر جي هر شيءِ سانديل آهي. لکڻ جي ميز ڪرسي، برتن، بورچيخاني جو سامان، ديگڙا ۽ ديگڙيون. چمچا ۽ ڪفگير. مطلب ته شيڪسپيئر جي استعمال ڪيل هر ننڍي وڏي شيءِ سانديل آهي. سڄي گهر ۽ ان جي سامان کي اصلي صورت ۾ رکيو ويو آهي، جيئن ان جي قدامت قائم رهي. شيڪسپيئر جي شراب جي قديم بوتل پڻ اتي محفوظ آهي.

ان گهر جي هڪ ڪمري ۾، ان گهر سان متعلق سڀ دستاويز، اصلي صورت ۾ محفوظ ٿيل، شوڪيس ۾ رکيل آهن. هن گهر جي وڪري جو دستاويز، (جيڪو شيڪسپيئر

جي پونيرن مان ڪنهن لکيو) سرڪار ڪڏهن ان کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو، ان ڪمنامي جو دستاويز، پوءِ اهو 'شيڪسپيئر يادگار تنظيم' جي حوالي ٿيو، ان متعلق اصلي ڪمنامو- هڪ هڪ شيءِ اصلي صورت ۾ هٿ ڪري، محفوظ ڪيل آهي.

ٻاهر نڪتاسين. شهر جي سڀ کان اهم چوڪ تي شيڪسپيئر جو تمام وڏو مجسمو نصب ٿيل آهي. اسان ان جي هيٺان بيهي فوٽو ڪڍايو. شهر جي پرسان ائون (Avon) ندي ٿي وهي، ان ۾ سهٽيون، سينگاريل لانچون ٽوئرسٽ کي نديءَ جي سير ڪرائڻ لاءِ موجود، مطلب ته ٽوئرسٽ اچن، ته معلومات به ملي، ۽ پڪنڪ به ٿئي. (ڇا ڀٽ شاهه جي ڪراڙ ڍنڍ کي اهڙو خوبصورت نه ٿو بڻائي سگهجي؟)

شهر ۾، هر دڪان تي، هر جاءِ تي، شيڪسپيئر جي ڇاپ لڳل آهي. جي ڪپڙن جو دڪان آهي، ته ان ۾ شيڪسپيئر جي ڪردارن جا ڪپڙا ملندا. جي برتنن جو دڪان آهي، ته ان ۾ شيڪسپيئر جي دور جا برتن، ڪوپ، ساسريون ڪٽليون، چمچا، ڪانٽا، وغيره ملندا. ڪتابن جي دڪان تي شيڪسپيئر جا، ۽ شيڪسپيئر جي متعلق ڪتاب. ائش ٽري هجي، بٽن هجي، قلم هجي، پيپر ويٽ هجي، هر شيءِ تي شيڪسپيئر جو پورٽريٽ.

هڪ دڪان تي شيڪسپيئر جي ڊرامن جا ميڻ جي بتن جي صورت ۾ ٺهيل ڪردار هئا، ۽ پس منظر ۾ انهيءَ ناٽڪ جا ڊائلاگ وڄي رهيا هيا.

هڪ جا واقعا ورجا يا ويا. حڪيم، نثار عباسي، ستار سومرو، فضل رحيم، احمدعلي سمو. سڀني سان گڏ ريل لطيفن تي ٺهڪ ڏناسين. ان وقت جي شاگرد چوڪرين جا ذڪر نڪتا. زمانا گذريا، اهي حسين، جن جي ناز تان ڪاليج قربان ويندو هو، ۽ هو ڪنهن ڏي اک به نه کڻنديون هيون، اهي وڏ واڻون ٿي، ڏکيا ڏينهن گذاري رهيون آهن. ڪن جي شادي ٿي، ته راضي ناهن. ڪن جي مورڳو شادي ئي نه ٿي. عجب زندگي آهي، سڪون ڪٿي آهي، نرواڻ ڪٿي آهي. ڇا سڪون رڳو گوتم ٻڌ جي پٿلي جي ڇهري تي آهي؟

منوهر ڪي، مون انگلنڊ ۾ رهندڙ سڀني ڊاڪٽر دوستن ڪان وڏ ڏيک رهائيءَ وارو، ۽ شان سان رهندي ڏٺو. اهو سڀ سندس ڪلمک هجڻ، نياز، نوڙت، قرب ۽ هوشياريءَ جو نتيجو آهي.

ٻئي ڏينهن، تيز رفتار ٽرين تي چڙهي، واپس لنڊن پهتاسين، لنڊن پهچي خبر پئي ته ڊاڪٽر قيوم بروهيءَ (حليم بروهيءَ جي سوٽ) جي فون آئي هئي. موٽ ۾ کيس فون ڪئي سين. هن ڏاڍو زور ڀريو ته رات جي ماني وٽس کائون. سندس سڪ ۽ قرب ڏسي اسان به ها ڪئي. هاڻي لنڊن ڇڏڻ جهڙا ٿيا هياسين. سڀ ڪم لاهي، گهمي ڦري، دنگ ڪيو هيوسين. رڳو ڪنهن ٽوئر ڪمپنيءَ ذريعي، ائمسٽرڊام، پئرس ۽ ائٿينس ۾ هوٽل وغيره جي بڪنگ ڪرائڻي هئي.

بيمارين کي سهوليت سان صحيح ڪرڻ لائق بڻائڻ وارو
اليگزينڊر فليمنگ.

پنهنجي ملڪ ۾، سون فليمنگ جي باري ۾ هڪ مولوي صاحب کان راءِ پڇي. هن ٺهه ٺڪاءُ چئي ڏنو ته: ”جهنمي آهي. ڇو ته ڪلمو نه پڙهيو اٿائين.“ سندس راءِ ۾ ڪنهن شخص انسانيت جي بهبوديءَ لاءِ ڪيڏو نه وڏو ڪم ڪيو هجي، پر جيستائين اهو ڪلمو پڙهي مسلمان نٿو ٿئي، تيستائين جهنمي آهي، ۽ جي ڪوئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿو ٿئي، پوءِ ڪٿي سندس افعال ڪهڙا به هجن، پر تڏهن به شفاعت جو حقدار آهي.

ٽورسٽ ڪمپنيءَ وارن ائڊريس ۽ ٽيليفون نمبر ورتا، ۽ چيائون ته ائمسٽرڊام ۽ پئرس ۾ هوٽل بڪنگ ڪرائي اطلاع ڏيندا.

منگسيءَ موڪلايو، ۽ مان پنڌ ٿي پنڌ، بيز واٽر روڊ گهمندو، ڪتابن جا دڪان ڏسندو، پوءِ ۾ ٽڪ ٽڪ پڇندو اچي آڪسفورڊ اسٽريٽ جي سئلفرجز پهتس، جتي قمر، ناهيد ۽ شوڪت شاپنگ لاءِ آيل هئا.

ڪتابن جا دڪان ڏسندي، عجب لڳو، ته شيڪسپيئر جي مڪمل ڪليات (Completeworks) جا ڍڳ، رعايتي سيل (Sale) تي پيل هئا. هڪ دڪان تي، ريمبرانٽ ۽ ليونارڊو داونچيءَ جا ڪتاب به رعايتي سيل تي هئا. شيڪسپيئر مون وٽ انگريزي آهي. باقي ڪتاب، ۽ ڪجهه چيني، ترڪي شاعريءَ جا، ۽ آمريڪي شاعرن ڊلن ٿامس ۽ ايريڪا جونگ

جا ورتم. ڪافي ڪتاب ورنم جي ٿيلهن ۾ نہ ماپيا، ۽ سڄي يورپ جي سفر دؤران هوائي جهاز ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ وقت هٿ ۾ هئا.

شيڪسپيئر جي ڪتابن ، ۽ ڊواونچي ۽ ريمبرانٽ جي فن جي معرڪن جي ڪتابن جو رعايتي سيل (Sale) ۾ هجڻ سمجهہ ۾ نہ آيو. انگريزن جو بہ شايد ادب ۽ فن جو ذوق بدلجي ويو آهي، ۽ هاڻي هو جاسوسي، جنسي ۽ مارا ماري وارا ڪتاب وڌيڪ ٿا پڙهن. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڪتاب ايتري تہ گهٽي انداز ۾ ڇپجن ٿا جو انهن جو وڪرو مشڪل ٿيو پوي، ۽ مجبوراً رعايتي اگهن تي نيڪال ٿا ٿين.

آڪسفورڊ اسٽريٽ مان ٿي ريجنٽ اسٽريٽ تي ڦٽي – هن اسٽريٽ ۾، ٿنين ۾ لڙڪندڙ سهڻيون ڪونڊيون آهن، جن ۾ سهڻا گل جهرمر لڳايو بيٺا آهن. انڌي اسٽريٽ ۾ رانديڪن جو وڏي ۾ وڏو دڪان آهي. چار ماڙيون آهن. هن دڪان ۾ ڇڏن ۽ جهنجهڻن کان وٺي ريموٽ ڪنٽرول (Remote Contrel) وارا هوائي جهاز موجود آهن. هر عمر جي ٻار لاءِ رانديڪا، جيڪي نہ فقط ونڊر آهن، پر تعليم پڻ. سرمد انگل ڪيو هيو تہ منهنجي لاءِ هڪ اڏامندڙ هوائي جهاز آڻجو. اسان سندس لاءِ هڪ هوائي جهاز ورتو، جنهن جا پرزا الڳ الڳ هئا، ۽ انهن کي جوڙڻ (Assemble ڪرڻ) سان اڏامندڙ هوائي جهاز ٺهي پئي پيو.

اها شام، شوڪت سان، سندس هوٽل ۾ گذري. شوڪت

وڏو معتبر آهي. اسان وانگر معمولي هوٽلن تي گذارو نہ ڪندو آهي، جتي ٻہ و ٻندو آهي تہ شان، ۽ پنهنجي نالي شوڪت سان رهندو آهي. هوٽل ڀلي مهانگي هجي، پر ڪمرو ڪشادو هجي. ان ۾ فرج ٻہ هجي، رنگين ٽي وي ٻي هجي، ٻٽرا ٻہ چوويهہ ڪلاڪ سڌ ڏين. ڀوءِ ڀلي ٽي وي نہ ڏسي.

اينڊرز ڏينهن آچر هو. نہ ڪم نہ ڪار. ٽوئر ڪمپنيءَ جي بڪنگ جي انتظار ۾ هئاسين. اٿين ٿي ٻاهر نڪتاسين، رلي رلي منجهند ڪئي سين. هڪ هوٽل تي ميڪسيڪو جو کاڌو کاڌوسين. اهو اٿين هو، جيئن ڊبڙيءَ ڪي ٻيٽو ڪري، سوڪ ڪجي، ۽ ان جي وچ ۾ مصالحن سان چڻن جي دال وجهي ڇڏجي.

آڪسفورڊ اسٽريٽ جو چڪر هڻي وري گرين پارڪ (Creen Park) نڪتاسين. موڪل هئڻ جي ڪري اتي چڻ ميلو لڳو پيو هو. انگريز، موڪل جي موڊ ۾ آرسين وانگر ٻيا هئا. ڪي آرام ڪرسين تي ٻنڪيون ڪائي رهيا هيا، تہ ڪن چهر تي ليٽي ڊيڪ پٽي کاڌا. ڪن تاس راند پئي ڪئي تہ ڪي ٻيئر سپ (Sip) ڪري رهيا هيا. مطلب تہ فراغت جو سمو هو. انگريزن کي نہ ڪم وقت آرام جو فڪر، نہ آرام وقت ڪم جي ڳڻتي.

مان ۽ قمر ٻہ چهر تي ليٽي پياسين. قمر اکيون بند ڪيون تہ مون تازي ورتل Surrealist Poetry واري ڪتاب جو مهاڳ پڙهڻ شروع ڪيو.

شام تائين اٿين وقت گذار يو سين . شام جو منگسيءَ سان پروگرام هو، جنهن سان ٿيمس نديءَ جي ڪناري جو چڪر هنيوسين. پرديس ۾ وطن وري وري ياد ايندو آهي. ٿيمس نديءَ جو ڪنارو ڏسي حسرت ٿي . تہ ، سکر جي بندر روڊ ، حيدرآباد ۾ ڦليليءَ جي ڪنارو ، يا خيرپور ۾ مير واهہ جي ڌاپ ڪي جي هن طرح سينگار جي ، تہ ڪيڏي نہ سونهن ٿئي . ذوق ذوق جي ڳالهہ آهي .

ٿيمس نديءَ جو ڪنارو گهمندي ، ڪلوپيٽرا جي ٿنڀي (Cleopetras Needle) وٽ پهتاسين . ان تي لکيل ڪتبو پڙهيم :

'اٽڪل پندرهن سو سال ق . م، انکي ٿوٿمس ۳ کڙو ڪيو . ٻہ صديون پوءِ ان تي فرعون راميسس پنهنجي ڪتبو لکايو.'

اهو ٿنڀو ، مصر جي ڪنهن انگريز گورنر کي ، مصر جي ماڻهن 'تحفو' ڪري ڏنو هو ، پر جنهن جهاز ۾ اهو لنڊن پئي آيو ، اهو طوفان ۾ ڦاسي ٻڏي ويو . ڪيترا سال پوءِ ان ٿنڀي کي ڳولي ، سمنڊ مان هٿ ڪري ، لنڊن ۾ هن جاءِ تي نصب ڪيو ويو . اهڙي ساڳئي قسم جا قديم مصري يادگار اسان روم ۽ پئرس جي Place de la Concorde (پلاس دي لا ڪنڪارڊ) ۾ ڏٺا .

انگريزن پنهنجيءَ اوج دوران سڄيءَ دنيا جا نوادر نہ فقط کسيا ، پر انهن جي حفاظت پڻ ڪئي . ٿي سگهيو پئي ، تہ اهي نوادر ، جي انگريزن جي هٿ نہ چڙهن ها ، تہ اڄ تائين موجود ٿي نہ هجن ها . انگريز ' نادان دوست ' نہ هئا،

جي زماني ۾ سياست کان نفرت ڪرڻ وارو. هئپي گو لڪي (Happy go lucky) قسم جو ڇوڪرو. لطيفن ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو شوقين لطيفن گهڙڻ جو به ماهر. ويٺي ويٺي ويندو لطيفا گهڙيندو ۽ ٻڌائيندو. بروهين کي لطيفه بازي، ۽ لطيفه سازيءَ جي ڪا ذات آهي. سنڌس سوٽ ۽ منهنجو پراڻو دلبر دوست حليم بروهي (سنڌيءَ جو مشهور مزاحيه ليکڪ) به ان هنر ۾ ماهر آهي. هو فلسفي جو تمام سنجيده شاگرد رهي چڪو آهي، ۽ ان علم ۾ ڪافي مهارت اٿس. پر ملندو، ته فلسفي تي بحث ڪرڻ بدران لطيفا گهڙيندو ۽ ٻڌائيندو. هڪ دفعي مون کيس چيو ته، ”تون فيلسوف مان ڦري مسخرو ڪيئن ٿئين؟“ علي احمد بروهي (سنڌيءَ جو پراڻو مزاح نگار) به لطيفه بازيءَ ۽ لطيفه سازيءَ جو جو ماهر آهي. پنج ڏينهن گڏ هوندو، صبح کان اڌ رات تائين لطيفا ٻڌائيندو. کلندو، کلائيندو، ۽ مجال آهي، جو انهيءَ سڄي عرصي دوران ڪو لطيفو ورجائي. موقعي، محل ۽ ماحول آهر نت نوان لطيفا گهڙيا رهيا. رڳو هڪ اي ڪي بروهي ان فن کان محروم آهي. اها سنڌ جي بدبختي آهي، نه ته سنڌ جي سوَرن ۾ ڪجهه مرڪن ۽ ٽهڪن جو رنگ ڀرجي ها. سرمد سچ چيو آهي:

سرمد غم عشق هرڪس را نه دهند
سوز دل پروانه مگس را نه دهند.

بهرحال، بروهين جي خوش طبعيءَ جو مان قائل ٿي ويو آهيان.

مسافر ڪيس پئسا ڏيندو ته وڃي. اسان به قطار ۾ بيٺاسين.
هن اسان کان پڇيو، ڪٿان آيا آهيو؟ مون چرچي ۾ اڳيئن
اسٽيشن جو نالو ورتو. هن چيو، "پنجويهه پينس." مون
ٺهڪ ڏيئي ڪيس اصلي اسٽيشن جو نالو ٻڌايو. هن چيو،
"هڪ پائونڊ."

نه ٽڪيٽ اشو ٿئي، نه رسيد، ريلوي وارن جو هن ملازم
۾ اعتماد، ۽ ملازم جو هر مسافر ۾ اعتماد. اعتماد تي
ته ملڪ هلندا آهن. اعتماد تي ته قومون هلنديون آهن.
اعتماد ٽٽو ته قوم ٽٽي.

---

# پوئٽري سوسائٽي

لنڊن ۾ هڪ پوئٽري سوسائٽي آهي. ارل ڪورٽ اسڪوائر ۾ ان جي آفيس آهي. ٽيليفون ڪري معلوم ڪيم، ان جي ميٽنگ ٿي پهتس. هيٺ آفيس آهي، ۽ ان سان لڳ سنڌن ڪتابن جو دڪان، جتي رڳو شاعريءَ تي ڪتاب موجود آهن. سائيڪلواسٽائيل ٿيل، پمفليٽ نما، غير معروف شاعرن جي مجموعن کان وٺي، مشهور شاعرن جي شاندار نموني ۾ ڇپيل مجموعن تائين. مٿي ميٽنگ لاءِ ڪمرو آهي. داخلا لاءِ ميمبرن کي ان زماني ۾ ٢٥ پينس، ۽ غير ميمبرن کي ٥٠ پينس (اڌ پائونڊ) ڏيڻا پوندا آهن. در تي ڪئشيئر ويٺو آهي. ان کي پيسا ڏيئي، هرڪو اندر ويندو ٿي رهيو. ڇاجي رسيد ڇاجي ٽڪيٽ. رڳو اعتبار ۽ اعتماد.

ان ڏينهن 'هڪ شاعره' جو پروگرام هو ائن برسفورڊ جو. ان شاعره پنهنجا شعر پڙهيا. پڙهندڙ گهڻو ڪري شاعر ۽ نقاد هئا. بيئر جا گلاس سڀ ڪنهن، پڙهندا رهيا. ۽ آخر ۾ شاعره پنهنجي فن متعلق رايا ڏنا.

مان ان سوسائٽيءَ جو ميمبر ٿيس. ان سوسائٽيءَ طرفان پ

جون هڪ ٻه ڳالهيون رهجي ويون آهن. جن مان هڪ پوئٽري سوسائٽيءَ جي باري ۾ مٿي لکي آيو آهيان. ٻي آهي ڪئمبرج جي پروفيسر آلچن متعلق. ان کان سواءِ هڪ ذهن کي جنجهوڙيندڙ مشاهدو آهي. انهن کي اڪڻ کان پوءِ لندن ڇڏڻ جو ذڪر ڪندس.

---

# ڊاڪٽر آلچن

پورو پنو قد ۽ بت، سهڻي ڪتر ٿيل اڇي ڏاڙهي، ۽ عمر سٺ کان به مٿي، پر ان عمر ۾ به سمارٽ ۽ Active سنه ١٩٧٦ ۾، منهنجي آفيس ۾ هليو آيو. پنهنجي واقفيت ڪرايائين، "مان ڪئمبرج يونيورسٽيءَ جي آثار قديمه ۾ پڙهائيندو آهيان. هتي روهڙيءَ جي ٽڪرين تي ڪم ڪرڻ آيو آهيان، ڇا توهان ڪي منهنجي تار نه ملي."

مون اڻ ڄاڻائيءَ ۽ عجب جو اظهار ڪيو. هن سان گڏ سندس زال هئي، جيڪا پڻ آثارِ قديمه جي ماهر آهي، ان کان سواءِ هڪ ٻيو ماهر پروفيسر گائودي، ۽ هڪ شاگرد ائبٽ نات هئا. مون کين چانهه پياري، قمر سان واقفيت ڪرائي، ۽ سندن رهائش وغيره جو بندوبست ڪيم. ائبٽ نات هڪ ڪنٽاري پڪ اپ آندي هئي. روز صبح جو ان ۾ ڪوٽڏيجيءَ کان روهڙيءَ تائين ٽڪرين ۾ رلندا هئا، ۽ شام جو ڳوٿيون پٿرن جون ڀري موٽندا هئا. ڪجهه دير آرام ڪري، انهن مان پٿر ڪڍي، ڪتابن مان پڙهندا ويندا هئا ۽ انهن پٿرن کي Classify ڪندا هئا.

ان عمر ۾، پروفيسر آلچن، جوانن کان به اڳرو، ٻوڙندو ٽڪرين تي چڙهندو ويندو هو. هن انهن ٽڪرين ۾ اڏ لک

اسانجي انتظار ۾ بيٺا هئا.

وڏي قرب سان، ٻاکر پائي، آلچن مون سان مليو. جڏهن کيس ٻڌايم ته رات جوئي مونٽي وچٿو آهي ته، هو ڏاڍو مايوس ٿيو، ۽ قربائتيءَ ڪاوڙ مان چيائين ته: توکي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن ڪئمبرج لاءِ رکڻا هئا، جيئن تون هتي ڪتابن جا دڪان، ۽ تعليمي ادارا ڏسي سگهين ها.

هن پنهنجي ڪار ۾، مونکي ۽ لياقت کي کنيو، ۽ ڪئمبرج شهر جو سير ڪرايو. هي ٽرنٽي ڪاليج آهي. هيءَ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ جي لائبرري آهي، عجب ۾ منهنجو وات ڦاٽي ويو. سنگمرمر جي خوبصورت گهڻ ماڙ عمارت، آلچن چيو ته: ان لائبرريءَ کي تفصيل سان ڏسڻ گهرجي. جي تو وٽ ان لاءِ وقت هجي ها ته ڏاڍو خوش ٿيان ها. ڪئم نديءَ جي خوبصورت ڪنارن کي ڏيکاري، واپس يونيورسٽيءَ آندو، ۽ چيائين، ”اڄ اسان جي ٤٠٠ (چئن صدين) کان هلندڙ روايتي ساليانی ڊنر آهي. مون توکي ان ۾ خاص مهمان ڪري سڏايو آهي. ان ۾ ضرور شامل ٿي. لياقت کي صبح جو سويل ڊيوٽيءَ تي وڃڻو هو. ان کي راضي ڪيم ته ان ڊنر ۾ ضرور هلجي.

منهنجا وڏا ڀاڳ هئا، جو جديد دنيا جي اهم ترين علمي مرڪزن مان هڪ جي ان روايتي تقريب ۾ دعوت ملي هئي.

ٻهرين لائونج ۾ شيريءَ تي بيٺي بيٺي واقفيت ٿي. آلچن هر ڪنهن سان منهنجي واقفيت سنڌيءَ جي وڏي شاعر جي حيثيت ۾ ڪرائي. اسان مشرقي، خاص ڪري سنڌي،

محجوب ۽ لڄارا. جيئن آلچن منهنجي تعريف ڪري، تيئن مان شرم ٻوڙيءَ جان ڪوماڻجو وڃان. يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر، پنهنجي روايتي شاندار لباس ۾، روب ۽ گائون سان، مختلف فئڪلٽين جا ڊين. هڪ هڪ سان تعارف ٿيو.

جڏهن ڊنر لاءِ هال ۾ آياسين ته مونکي سنڌ ۾ انگريزن جي دؤر جي شان جي ياد اچي ويئي.

سهڻيون سينگاريل ميزون. خوش پوشاڪ، خوش ذوق ۽ با ادب ٻيرا. هر ڪورس کان پوءِ چمچا ڪانٽا ۽ پليٽون ۽ گلاس مٽائين. آرام سان — آهستي آهستي، ڌيرج ۽ اطمينان سان، ڪاڏو پيتو ٿي هلي ته، هلڪي آواز ۾ ڳالهيون ٿي هلن. اها رات، منهنجي زندگيءَ جي اهم ترين رات هئي. دنيا جا وڏي ۾ وڏا اڪابر — عالم — ڏاها — منهنجي آڏو هئا، مونکي ويجهو هئا.

آلچن اٿي رٿ ڏني ته مان پنهنجا شعر پڙهان. روايتي محجوبي طبيعت. اها ويل وهي ويئي، مون شرم کان ڳاڙهو ٿي انڪار ڪيو. ۽ 'ٻئي دفعي' شعر پڙهڻ جو وعدو ڪري جان ڇڏايم. (اهو 'ٻيو دفعو' الائي ڪڏهن اچي الائي اچي به يا نه؟)

هڪ تاريخ جي پروفيسر مونکي چيو، "عربن کي سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ڪهڙو جواز هو؟"

مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو اهڙيءَ محفل ۾ ترش ٿيندي چيو، "ساڳيوئي، جيڪو انگريزن کي سنڌ تي حملي ڪرڻ

لاءِ هيو.“

ان تي وڏا ٽهڪ لڳا ۽ تاريخ جو پروفيسر خاموش ٿي ويو. منهنجي آڏو به نوجوان، حسين، خوش پوش ۽ خوش مزاج شاگرديائڻيون ويٺيون هيون. هڪ پاسي ڊاڪٽر آلچن هو، ته ٻئي پاسي لياقت.

اها يادگار محفل رات جي ڏيڍ وڳي تائين جاري رهي. مشروب ۽ کاڌا انگريزي روايتن موجب بدلبا رهيا، موضوع بدلبا رهيا. ڪڏهن سنجيده، علمي ۽ ادبي ته ڪڏهن هلڪا، معمولي، ۽ مزاحيه. ڪڏهن موسم جو ذڪر، ته ڪڏهن سر چارلس نيپيئر جو. ڪڏهن هلڪو چرچو، ته ڪڏهن ٽين عظيم جنگ جي امڪانن جو.

آخر ۾ Nuts آيا، ۽ پوءِ تازو ميوو. آلچن مونکي هڪ هڪ نٽ (Nut) سان واقفيت ڪرائي. هيءُ هئزل نٽ آهي، هيءُ چيسٽ نٽ آهي.

آلچن جي محبت، ڪئمبرج يونيورسٽيءَ جي شان، ديدبي واري روايتي ماحول، ۽ پروفيسرن ۽ شاگردن جي خوش خلقيءَ، ۽ علمي ماحول کان متاثر ٿي، رات جو ڏيڍ وڳي لياقت سان واپس ٿيس.

صبوح جو سويل، ٽئڪسي گهرائي، سامان رکائي، ٻنا نيرن جي لورپول اسٽريٽ اسٽيشن تي پهتاسين. جتان ريل ائمسٽر ڊام وڃڻي هئي. اسٽيشن تي گاڏيءَ ۾ سيٽون ورتيون، ويهي رهياسين.

ٿي چاڙهي ڇڏيو آهي.“
ڪائونٽر وارو همراهه اسان کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. مون ٽوئرسٽ ڪمپنيءَ طرفان سائي لفافي ۾ پيل مواد پوريءَ ريت نه پڙهيو هو، جو معلوم ٿئي ته هاروچ وٽ بارڊر هو، رڌل جي پهچڻ ۽ ساموندي جهاز جي ڇٽڻ ۾ ڪو ڏهن پندرهن منٽن جو وقفو هو. بهرحال ڪائونٽر وارو ان ڳالهه تي راضي ٿيو، ته مان يرغمال طور وٽس بيهان، ۽ قمر ڊوڙندي، جهاز مان پاسپورٽ ڪڍي اچي.
قمر وٺي ڊڪ پري. قمر جي وڃڻ کان پوءِ هن پڇيو.
”ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“
”ائمسٽرڊام،“ مون چيو.
”اُتان پوءِ؟“ هن پڇيو.
”پئرس.“ مون وراڻيو.
”۽ ان کان پو؟“
”اٿينس.“
”اتان موٽي هتي ايندؤ؟“
”نه نه.“ مون چيو، ”واپس پنهنجي ملڪ وينداسين. پاڪستان.“
هن ٺهڪ ڏيئي چيو، ”ته پوءِ پاسپورٽ جي ضرورت ناهي. توهان وڃي سگهو ٿا.“
مون به وٺي ڊڪ پري. ڏسان ته سامهون قمر پاسپورٽ هٿ ۾ کنيو، ميهوواچ ڪندي پيئي اچي. مون پري کان ئي رڙ ڪري چيس ته، ”پاسپورٽ کان سواءِ ئي ڪم ٿي ويو.

موٽ ته جهاز نه ڇڏي وڃي.“
هئي ڇٽا ڏ ڪندا ۽ سهڪندا اچي جهاز ۾ چڙهياسين. جهاز
به ڇڻ اسان جو منتظر هو، اسان پير رکيو، ته جهاز جي
ڏاڪڻ نڪتي، جهاز چرڻ شروع ڪيو.
جهاز وارن چيو، ”اوهان ڪريو ڇا ٿا؟ آهيو ڪٿي؟ اسانجو
جهاز اوهانجي ڪري ليٽ ٿيو آهي.“
اسان ڏاڍا شرمندا ٿياسين، ۽ هنن کان معافي ورتيسين.
جهاز هلڻ وقت ياد آيو، ته برطانيه جو باربر ڇڏڻ وقت،
اسانکي انهن سڀني رسيدن تي ڪسٽم وارن کان ٺپو هڻائڻو
هو، جيڪي شاپنگ وقت مليون هيون. ان ٺپي لڳڻ ڪري
اسانکي انگريز سرڪار کي ڏنل ٽئڪس واپس ملي ها.
( انگلنڊ ۾ ڌارين تي ٽئڪس معاف آهي. دڪاندار ٽئڪس
وٺي رسيد ڏين، جيڪا ملڪ ڇڏڻ وقت ڪسٽم جي ٺپي
لڳڻ سان واپس ملي.)
قمر کي ڏاڍو ڏک ٿيو، مونکي به افسوس ته ٿيو. پر قمر کي
چيم، ”فڪر نه ڪر. اهي رسيدون سنڀالي رکنداسين.
ٻئي دفعي هتي آياسين ته انگريز سرڪار کان حساب وٺنداسين.
هونءَ به انگريز سرڪار بي ايمان نه آهي. ضرور اهي پئسا
موٽائي ڏيندي.“
۽ پوءِ اهو هزارن جي نقصان جو غم وساري، جهاز کي
ڏسڻ شروع ڪيوسين.
جهاز ته نه هيو، ڇڻ ترندڙ محل هيو. آرام ده لائونج آرامده
سينگاريل ڪيبنون، هر سهوليت واريون ڪئبنون. لائونج ۾

هڪ آف هالنڊ تي ڪسٽم وارو ڏاڍو ڪلمڪ هو. منٽ ۾ واندو ڪيائين. ۽ پوءِ اسٽيشن تي بيٺل گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺاسين، جيڪا ائمسٽرڊام وڃڻي هئي.

گاڏو سڄو خالي هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪ نوجوان ڊچ ڇوڪري گاڏي ۾ چڙهي. مرڪي ڪيڪاريائين ۽ پنهنجي واقفيت ڪرايائين. سڄو وقت وٽندڙ ڳالهين سان وندرائيندي رهي. انگريز ۽ ڊچ جو فرق، سرحد ٽپنديئي معلوم ٿيو. انگريز Reserve آهن. ريل ۾ به انگريز ويٺل هوندا ته ٻئي يا اخبار ۾ منهن وجهي ويهندا، يا دريءَ مان ٻاهر پيا نهاريندا. هڪ ٻئي ڏي ڏسندا به ڪونه. ايستائين هڪ ٻئي سان نه ڳالهائيندا، جيستائين رسمي طور تعارف نه ٿئين. ان جي برعڪس ڊچ وڏيڪ ملنسار ۽ قربائتا آهن.

---

# ائمسٽردام ( هالنڊ )

ريل جي دريءَ مان هالنڊ جا حسين نظارا ڏسندا رهياسين. ساوڪ ته سموري يورپ ۾ آهي. گل به سڄي يورپ ۾، پر هالنڊ خاص گلن جو ملڪ آهي. گلِ لاله (Tulip) هتي عام جام آهي. حد نظر تائين گلِ لاله جا باغ آهن. نيڻ نهار تائين شعلن جي رنگ جا گل. ڇپي ڇپي تي پن ڇڪيون. ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ شهر، جيڪي ريلوي لائين سان هئا، انهن جي بالڪنين مان به گل لڙڪي رهيا هئا. فليٽ ۾ گلن پوکڻ جي جاءِ نه ملي ته، ڊچ پنهنجو شوق بالڪنين ۾ ڪونڊيون رکي پورو ڪن.

ريل گاڏي هڪ اسٽيسن تي بيٺي. مون اسٽيشن جو نالو پڙهي ڇرڪ پريو، ۽ اشارو ڪري قمر کي چيو، "هيءُ پڙهه."

"ڊين هيگ! (Den Haigue)" قمر حيرت مان چيو.

"ڊين هيگ." مون سوچيو. اُڪيءَ ۽ ڪيس جو شهر جن جي ڪري ڏي هالنڊ آياسين. مون پڇتايو، ۽ قمر کي چيم، "جي هالنڊ جي جاگرافيءَ جي پهرين خبر هجي ها ته، ٽڪيٽ هيگ جي ڪرايون ها. هاڻي ائسٽردام کان موٽي هتي اچڻو پوندو."

پاڻيءَ ۾ جهرمر ڪندي، ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي. هيءُ شهر ائمسٽل نديءَ جي ڇوڙ وٽ ٺهيل آهي. رات جو ڪهڙي به رستي تي پنڌ ڪيو، واهه جي پلين تي پرنڊڙ بتين جو پاڻيءَ ۾ پوندو عڪس تڏهن ڏٺي لاهي ڇڏيندو.

يورپ ۾ هيءَ چوڻي عام آهي ته: الله سائينءَ هالنڊ جو ملڪ ٺاهيو ناهيو، پر ڊچن ان کي وڏو ڪري ڇڏيو. اها چوڻي چوڻي ناهي پر حقيقت آهي. ڊچ ڏاڍي محنتي قوم آهي، هالنڊ کي وڌائڻ جي ڪابه گنجائش نه هئي، پر ڊچ سمنڊ کي پري ڪندا ويا، ۽ ائين پنهنجي ملڪ کي وسيع ۽ ڪشادو ڪيائون.

ائمسٽل نديءَ جي ڇوڙ وٽ، سوين واهن ۽ هزارين پلين وارو خوبصورت شهر ائمسٽرڊام، ڏينهن جو به ايترو ئي حسين ٿي لڳو، جيترو رات جو. پنڌ ڪندا ٽرام جي اسٽاپ تي آياسين. دڪانن، رستن ۽ جاين تي لڳل سڀ بورڊ ڊچ ٻوليءَ ۾ آهن. پر نوي سيڪڙو ڊچ انگريزي ڳالهائين. يورپ ۾ هالنڊ ئي هڪڙو ملڪ آهي، جتي ٻوليءَ جو مسئلو ئي درپيش نه ٿو اچي.

ڪا ڪيفي 'ريمبرانٽ' جي نالي آهي، ته ڪا 'وان گوگ' جي نالي (ٻئي دنيا جا مشهور مصور هئا ۽ ڊچ هئا). ڊچن کي پنهنجي فنڪارن جو ڪيڏو قدر آهي. هالنڊ جي ڪرنسي نوٽن تي به هنن شاعرن، فنڪارن، ۽ مشهور قانوندانن جون تصويرون ڏنيون آهن. هالنڊ جي نوٽن تي ابريل نشان پڻ آهن، جيئن نابين، انهن کي ڇُهي، نوٽ جي قيمت معلوم

حيثيت ۾ مشهور ٿيو. شهري زندگيءَ جو ملمعو ڏسي هن پنهنجي ڪمائيءَ کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ شروع ڪيو. ١٦٣٤ع ۾ هڪ خوشحال ڇوڪريءَ ساسيڪا سان پرڻيو. ١٦٤٢ع ۾ ساسيڪا گذاري ويئي، ۽ ريمبرانٽ پنهنجي ابهم پٽ ٽيٽس سان اڪيلو رهجي ويو.

آهستي آهستي هن جي شهرت گهٽجندي ويئي، ۽ ڏکيا ڏينهن ڏٺا پيس. ايسٽائين جو آخر هو ڏيوالو ٿي ويو.

١٦٦١ع ۾، ائمسٽرڊام جي ٽائون هال ۾ ريمبرانٽ جي چٽيل تصوير لڳائي ويئي، جيڪا هڪ سال کان پوءِ کيس واپس ڪري، ان جي جاءِ تي هڪ، ٻئي درجي جي، غير اهم فنڪار جي، غير معياري تصوير لڳائي ويئي. ان ڳالهه ريمبرانٽ کي وڏو صدمو پهچايو. جيئن جيئن سندس شهرت گهٽبي ويئي، تيئن تيئن سندس اقتصادي حالت ابتر ٿيندي ويئي. جيئن سندس اقتصادي حالت ابتر ٿيندي ويئي، تيئن هو دنيا کان الڳ ٿلڳ رهڻ لڳو. سنه ١٦٥٨ع ۾ سندس ملڪيت ۽ گهر نيلام ڪيا ويا. (اهو گهر، جيڪو هالنڊ لاءِ اڄ قومي يادگار آهي).

سن ١٦٦٤ع ۾، پنهنجي پٽ جي مرڻ کان هڪ سال پوءِ، هن هميشه لاءِ اکيون ٻوٽيون.

اهو آهي ريمبرانٽ جي حياتيءَ جو مختصر، احوال. اهو فنڪار، جنهن جي هڪ هڪ تصوير ملين ڊالرن جي قيمت رکي ٿي، ۽ ان تي يورپ ۽ آمريڪا جا جڳ مشهور ميوزيم فخر ڪن ٿا. ان جي حياتيءَ ۾ ئي ان جو گهر نيلام ٿيو،

ڏوري ڏوري ڏيهه.....

پنهنجي عظيم فنڪار ’وان گوگ‘ جي ياد ۾ نهرايو آهي.
هن گهڻ ماڙ عمارت ۾ وان گوگ جون، ۽ ان جي متعلق تصويرون. وان گوگ آرٿ ڊيلر ۽ فوجي آفيسرن جي جي خاندان ۾ پيدا ٿيو. هن پهرن يائين آرٿ ڊيلر جو ڪم ڪيو، پوءِ ان مان بيزار ٿي، عيسائي مشنري (Missionary) ٿيو، ۽ ڪوئلي جي کاڻين جي مزدورن ۾ عيسائيت جي تبليغ ڪرڻ شروع ڪيائين. مزدورن جي گهٽ اجرت، ۽ گهٽي ڪم سبب ابتر حالت هئي. هنن جي صحت خراب هئي، هو اڌ بکيا، اڌ اگهاڙا هئا. وان گوگ پنهنجي نالي ماتر الائونس کي به هنن تي خرچ ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي صحت جو به خانو خراب ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو سخت سياري ۾ پنهنجو ڪمبل هڪ مزدور مائيءَ جي بيمار ٻارن کي ڏيئي ڇڏيائين. سندس پوشاڪ ليڙون ٿي ويئي، ۽ مشنريءَ وارا جڏهن سندس ڪم ڏسڻ آيا، ته سندس پوشاڪ ۽ ڍنگ کي مشنريءَ لاءِ شرم جو باعث سڏيندي کيس ڪم کان جواب ڏيئي ڇڏيائون.
ٻه ٽي دفعا هن والهانه عشق به ڪيو، پر ڇوڪريون سندس غربت، پوشاڪ ۽ شڪل شبيهه سبب ڪانئس نه فقط ڪنارو ڪرڻ لڳيون پر سندس بي عزتي به ڪيائون.
نيٺ هن مصوريءَ سان شوق رکيو. پئسي موجود نه هجڻ جي حالت ۾، ريل جو ڀاڙو ڏيئي نه سگهيو، ۽ پنهنجي وقت جي مشهور مصورن سان اسي (٨٠) ڪلوميٽر پڪ تي پنڌ ڪري، بوٽ جا ترا گسائي، پير ڦٽي، وڃي ملاقات ڪئي.

سندس غربت جي دؤر ۾، سڄيءَ دنيا ۾ رڳو سندس ڀاءُ ٿيئو (Theo) هو، جيڪو سندس مالي مدد ڪندو رهيو ۽ کيس همٿائيندو رهيو.
هيگ ۾ مشهور مصورن ۽ آرٽ ڊيلرن مٿس سخت تنقيد ڪئي. پيرين محفلن ۾ سندس فن تي ٽوڪون ڪيون ويون. جتي ڪجهه وقت هن سان پال گاگي به شامل ٿيو ۽ ٻئي گڏ رهڻ لڳا. اتي ڏي هڪ طوائف سان پيار ٿي ويس جيڪا پيار مان کيس Fou you (بيوقوف ڳاڙهن وارن وارو) سڏڻ لڳي ۽ هو کيس (Pigeon) ڪبوتر سڏڻ لڳو. هن کيس چيو ته: جيڪڏهن مون وٽ اچڻ لاءِ تو وٽ پنج فرانڪ ناهن ته تون پنهنجو ڪن مونکي ڪپي ڏي. مونکي تنهنجا ڪن ڏاڍا وڻن ٿا. انتهائي غربت جي حالت ۾ وان گوگ پنهنجو ڪن ڪپي ان طوائف وٽ ڪٽي ويو.
ان کان پوءِ هن کي چريائپ جا دؤرا پوڻ لڳا. شهر جي ماڻهن درخواست ڪئي ته هو خطرناڪ پاڳل هو ۽ هن کي بند ڪيو وڃي.
هن کي سينٽ ريمي جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي ڪجهه ڏينهن گذاري، صحتمند ٿي، هو پنهنجي ڀاءُ 'ٿيئو' وٽ پئرس موٽي آيو ۽ وري مصوري شروع ڪيائين. پئرس مان هو اورس (Auvers) ويو، جتي ڪجهه وقت مصوري ڪرڻ بعد روالور سان آپگهات ڪيائين. ٿيئو، سندس ڀاءُ جيڪو سندس دردناڪ حياتيءَ ۾ اڪيلو همدرد هو اهو به ڇهن مهينن بعد گذاري ويو.

هيگ ۾ ٿي ـ هڪ رات ، هڪ نائيٽ ڪيفي ۾ ڪرسٽين نالي هڪ Street Girl سان ملاقات ٿيس ، جنهنجو پيشو خراب هو ، پر دل اجري هئي . هن غربت جي حالت ۾ ، بنا پئسي وٺڻ جي سندس ماڊل ٿيڻ قبوليو . ساڻس گڏ رهي ، سندس ، ۽ سندس گهرجي سار سنڀال لڌائين ، ۽ جڏهن ڪرسٽين جي ويم لاءِ وان گوگ کي پئسا کپندا هئا ته سندس دوستن ، مائٽن ، آرٽ ڊيلرن ، اوڌر تي ڏيڻ کان به انڪار ڪيو .

وان گوگ ـ جيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ ، فقط هڪ تصويرٿي وڪڻي سگهيو ، ان جي تصوير اڄ دنيا جو ڪوبه ميوزيم لکين (Milllons) ڊالرن ۾ خريد ڪندو . ۽ سندس چٽيل تصوير جي موجودگي ، دنيا جي هر ميوزيم لاءِ فخر جو باعث آهي . وان گوگ ، جنهن تي چريائيءَ جا دورا پيا ، ان جي فن ، اڳتي هلي دنيا کي چريو ڪري ڇڏيو . سندس مصوري فن جي تاريخ ۾ اهم جڳهه والاري ٿي . توڙي جو سندس فنڪارانه تخليق جو عرصو تمام ٿورو آهي . هن ١٨٨٠ع ۾ مصوري شروع ڪئي ، ۽ ١٨٩٠ع تائين ٨٠٠ تصويرون ، ۽ ٧٠٠ ڊرائنگ مڪمل ڪري ورتائين . (١) هيگ کان پوءِ مختلف شهرن ۾ رلندو آخر پئرس ۾ رهيو ، ۽ اتي جي فنڪارن جي بوهيمين زندگيءَ ۾ شامل ٿي ويو . هن مشهور مصورن

(١) وان گوگ تي پڻ ارونگ اسٽون هڪ ناول Lust for life لکيو آهي .

ڏکهو آهي ۽ سنہ ١٤٨٦ع ۾ ٺهيو. قديم يوروپي فن تعمير جو سهڻو مثال آهي. ان کان پوءِ Western church ڏٺي سين، جيڪا ١٦٣٢ع ۾ تعمير ٿي، ۽ جڳ مشهور فنڪار ريمبرانٽ کي ان چرچ ۾، سنہ ١٦٦٩ع ۾ دفن ڪيو ويو.

هن ئي ٽوئر ۾ اسان ريمبرانٽ جو گهر پڻ ڏٺو. ساد و عام يورپي گهر، جيڪو ڪنهن وقت ۾ نيلام ٿيو هيو. اڄڪلهہ قومي يادگار آهي.

ٽنجهند تائين سڄو شهر لانچ ذريعي گهمي، واپس هوٽل آياسين، ۽ سامان ٻڌي، ڪيس ۽ لڳيءَ ڏانهن هيگ وڃڻ جي تياري ڪئيسين. هوٽل جي ڪائونٽر واري کان پڇيوسين، "هيگ ڏانهن ٽرين ڪهڙي وقت ويندي؟" تہ ڏاڍيءَ ڪائيءَ مان جواب ڏنائين، "I am not railway inquiry"

مون چيس، "برابر، تون سچ ٿو چوين. رڳو ريلوي انڪوائريءَ جو نمبر ملائي ڏي تہ اسان پاڻ ٿا پڇون."

ٽائيم پڇي، ٽپڙ ڪٽي، ڪائونٽر واري کي چيوسين، "اسان هوٽل ڇڏي ٿا وڃون. رهيل ڏينهن جا پئسا بہ آيا ٿوڪي. اهو رڳو تنهنجي ترش روئيءَ (Rude behaviour) جي ڪري."

همراهہ ڪجهہ شرمندو ٿيو. اسان ٽڪڙا ٽڪڙا ٻاهر نڪري ويسين ۽ ٽرام ۾ چڙهي، ائمسٽرڊام انٽرنيشنل اسٽيشن تي پهتاسين.

هيگ واري ٽرين سڌي ۽ تيز رفتار هئي، جلد ئي هيگ پهچي وياسين. اسٽيشن تان ڪيس کي فون ڪئي سين، جنهن چيو

ڏوري ڏوري ڏيهہ ...

هئي، نہ ڀاءُ ڀيڻ واري، نہ ماءُ پٽ واري. ان چميءَ ۾ خلوص، پيار، پاڪيزگي، ۽ گرمائش هئي. اها چمي هڪ دوست جي طرفان ٻئي دوست کي هئي.

لڪي اکيون ڇنڀڻ لڳي، ڄڻ تہ جيڪي ڪجهہ ڏسي رهي هئي ان تي اعتبار نہ پئي آيس. آخر چيائين، ”هيءُ خواب نہ تہ آهي. اسان سڀ هتي مليا آهيون.“ (Is it not a dream ! We all have met here!)

مون چيو تہ، ”هيءُ خواب نہ آهي. پر هيءَ خواب کان بہ حسين حقيقت آهي، جو اسان هيگ ۾، توهان جي گهر گڏ يا آهيو ن. ڪي ساڀيائو ن خوابن کان بہ خو بصو ر ت ٿينديون آهن.“

سيڪو سپنا ماڻي
ساڀيا ماڻي ڪوڪو.

پوءِ مونکي لڪيءَ ۽ ڪيس سان خيرپور ۾ گهاريل قربائتا ۽ حسين ڏينهن ياد آيا. هفتي ۾ ٻہ ڏينهن وٽن فرينچ سکڻ ويندو هوس. مان ۽ لڪي شاگرد هوندا هئاسين ۽ ڪيس استاد. پر هو ڏاڍو ڪڙڪ استاد هو. وقت بوقت Test وٺندو هو. سختيءَ سان مارڪون ڏيندو هو، پر سالن ۾ سٺي فرينچ سيکاري ڇڏيائين. فرينچ سبق کان پوءِ رات جو دير تائين ڪچهري چمندي هئي. مهيني ۾ ٻہ ٽي دفعا پارٽي ٿيندي هئي — يا اسان وٽ يا هنن وٽ. ٿوري دير ٿيندي هئي، تہ قمر چوندي هئي، ”هائي هلو.“ ۽ لڪي سنڌي ’هاو‘ جو مطلب سمجهي ويئي هئي، ۽ يڪدم ڪي قمر کي چوندي

هئي No Halo ۽ ويٺي ويٺي، ڪڏهن ڪافي دير
تي ويندي هئي.
لڪي، آهستي آهستي، مٺيءَ مرڪ سان، هڪ هڪ لفظ
جهلي، الڳ الڳ، ۽ نرمائيءَ سان ڳالهائيندي آهي.
هن وري چيو، ”سچي خيرپور واري ڪلب هتي آهي.“
هنن وٽ مهدي، سندس زال، ۽ ٻار ٻه رهيل هئا.
مهدي ـ عراقي مهدي ـ ڪوٽ ڏيجيءَ جو زميندار مهدي ـ
اهو ٻه خيرپور ۾ اسانجو Common Friend هو، ۽ هاڻي فصل
ڪٽي، يورپ ۾ ڪٽنب سان ملڻ آيو هو. ٻت ۾ پريل، وارن
ڪان وانجهو، روشن خيال، حجائتو، ۽ قربائتو مهدي.
پنهنجي مهذب ۽ جهانديد زال سان موجود هو. سندس زال
۽ ٻارن سان اسان جي پهرين ملاقات هئي.
هيگ ۾ خيرپور ڪي ياد ڪيو سين. اجا سج بيٺو هو، ته
رات جي ماني ڏنائون. واچ ڏٺيسين ته رات جا سادا نو ٿيا
هئا. يورپ ۾ اونهاري ۾ سج ڏهين يارهين وڳي لهي، ۽
چئين وڳي ابري، ته سياري ۾ شام جو ساڍي ٽئين چئين
وڳي لهي وڃي. ڊاڪٽر نور احمد سومري جي امان پهريائين
ته ٻارن تي ڪاوڙبي هئي ته، ”اڄ رات جو گهر ٿا اچو.“
حالانڪ سياري جا پنج ڇهه مس ٿيا هوندا. سياري اونهاري
جي صبح شام ۾ ان وڏي فرق سبب سچو يورپ سج بدران
واچن تي هلي. سج بيٺي ڊنر ڪائڻ عجيب پئي لڳو. بهرحال
مانيءَ کان پوءِ محفل شروع ٿي. ڪيس ۽ لڪيءَ
يورپ جي سفر جا حال احوال ورتا. مون ائمسٽر ڊام ۾

ڏوري ڏوري ڏيهه ....

جيڪو ڪجهه ڏٺو هو ان متعلق پڇايس. هن چيو: اهو سڀ ڏٺو اٿو ته باقي بچايو ڇا؟ هو اسانتي ڏاڍو ناراض ٿيا جو هيگ لاءِ اسان فقط هڪ ڏينهن رکيو هيو. هنن جو اصرار هو ته هفتو کن وٽن گذاريون ها. مون سمجهاين ته ٽرين، پئرس جي هوٽل، سڀ بُڪ ٿيل آهن، ۽ تمام گهڻي ڪوشش جي باوجود به اهي تاريخون پوئتي نه ٿي سگهيون آهن.

رات جا ساڍا ڏهه لڳا ته مهديءَ ۽ سندس زال سمهڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا. مهديءَ وارن جي وڃڻ کان پوءِ لڪيءَ شرارت مان چيو ته، "پنهنجي زال جي موجودگيءَ ۾ مهدي ڏاڍو Discipline ۾ آهي." مونکي قائدِ اعظم جا اصول Unity, Faith, Discipline ياد آيا، ۽ قمر کي چيم ته "زالون گهٽ ۾ گهٽ قائدِ اعظم جي هڪ اصول تي ته عمل ڪرائي سگهن ٿيون."

جڏهن محفل رنگ تي پهتي ته لُڪيءَ ۽ ڪيس چيو ته، "هلو ته هاڻي گهمڻ هلون."

"رات جو هن وقت؟" ان وقت ڏيڍ لڳو هو. ڪيس چيو، "اوهان فقط هڪڙيئي رات هتي آهيو. جي هتان جي 'رات جي زندگي' (Night life) نه ڏٺو ته ڇا ڏٺو؟_"

۽ پوءِ هو ٻئي، اسان ٻنهي کي زوريءَ گهلي ٻاهر آيا. سندن ڪار، هيگ جون روشن، گلن سان جهنجهيل، سرهيون گهٽيون لتاڙيندي اچي هڪ نائيٽ ڪلب جي آڏو بيٺي. سڀ ڪلب ۾ داخل ٿياسين. اڌ روشن ماحول ۾ تيز

انڪري اهڙن گلن کي، عام ماڻهو دڪانن تان خريد ڪري پنهنجي گلدستن ۾ سينگاريندا آهن.“
شهر جي هر چونڪ تي شاهي ڪونڊيون رکيل آهن. روز سرڪاري ٽرڪون، گلن سان ڀرجي اچن، ۽ انهن ۾ تازا گل وجهي وڃن.
هالنڊ ۾ گلن جي شوق جو هڪ ٻيو دلچسپ واقعو معلوم ٿيو. ڪيس جو والد پوڙهو آهي، ۽ سرڪاري پينشن تي گذر ڪندو آهي، جيڪا هالنڊ ۾ هر ان پوڙهي کي ملندي آهي، جيڪو ڪم ڪار نه ڪري سگهندو آهي.
هن واند ڪائيءَ جي ونڊر طور پنهنجي بنگلي جي اڱڻ ۾ گل پوکيا ۽ آخر ان عمر کي اچي پهتو، جو انهن گلنجي سار سنڀال به نه ٿي لهي سگهيو. هن سرڪار کي لکيو ته:
’ هاڻي هو ايترو نحيف ٿي ويو آهي جو پنهنجي گلن جي سار سنڀال لهي نه ٿو سگهي. ۽ گلن سان بيحد پيار اٿس، انڪري حڪومت طرفان انهن گلن جي سنڀال لڏي وڃي.‘
۽ سرڪار ڪيس مالهي رکي ڏنو.
مان ۽ ڪيس پوسٽ آفيس آياسين، ۽ ٽڪليون خريد ڪري، سرمد، مارئيءَ، پارس، سرواڻ، سپيءَ، بابوءَ ۽ پٺاڻيءَ کي پڪچر ڪارڊ پوسٽ ڪياسين. اجا به وقت بچي پيو. ڪيس هڪ ڪافي هائوس ۾ وٺي ويو. ڪافي هائوس مان نڪرڻ وقت ٽائيم ڏٺم، ائمسٽرڊام ٽرين ڇٽڻ ۾ اجا ٿي ڪلاڪ ڪن هئا. ڪيس چيو، ”هلو ته هلي بيچ تي لڪيءَ وارن سان گڏجون. ڇڱو جو توکي بيچ ڏيکارڻ جو وقت نڪري

آيو."

بيچ ڏي ويندي، ڪيس مونکي رازداريءَ مان چيو، "جي هتي ڪي Topless (بنا انگيءَ) ڇوڪريون ڏسين، ته شرمائجانءِ نه."

مون واٽڙو ٿي چيس، "يلا مان ڇو شرمائيندس." هن ٺهڪ ڏيئي چيو، "هتي يورپ ۾ اهو نئون Topless جو فئشن نڪتو آهي. خاص ڪري بيچ تي، ڇوڪريون رڳو نڪر ۾ بنا انگيءَ جي گهمن. مون انهن کي ته ڪڏهن شرمائيندي نه ڏٺو آهي. انڪري سوچيم ته متان تون ئي شرمائين."

سمنڊ، جتي ڪٿي ساڳيو - اٿاهه ۽ نيرو. اڇيءَ اڇيءَ گجيءَ وارو. ڪراچيءَ جي هاڪس بي هجي، انگلنڊ جي هسٽنگان بيچ هجي، يا هيگ. ساڳي اٿل پٿل. ساڳيو لهرن جو شور.

لهرين لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو.

پاڻي ته هيڪڙو آهي، پر فرق آهي سينگار جو. فرق آهي ذوق جو. هتي ننڍا ننڍا تنبو کتل هئا، جن هيٺان ماڻهو واريءَ تي ليٽيا پيا هئا. ڇڻ آفيمي هجن، ڇڻ آرسي هجن. اهي ساڳيا ماڻهو، جيڪي هن وقت آفيمي ۽ آرسي ٿي لڳا، اهي ڪم جي وقت جِنَ آهن. اهو فقط انهن جو موڪل ملهائڻ جو طريقو آهي.

ننڍيون ننڍيون، رنگبرنگي، خوبصورت ڇٽيون، نانگ ڪنڀين وانگر پٽي لڳيون. انهن جي هيٺان، عورتون ۽ مرد پنڪيون ڪاٿي رهيا هئا.

ڪجھہ ٽاپ ليس (Top less) ڇوڪر يون بہ نظر آيون، پر نہ ڪنھن ھنن ڏي بکايل نظرن سان گھوريو، ۽ نہ ھنن ڏي شرمايو.
جلدئي لڪي ۽ قمر گڏجي ويون. سمنڊ جي ڪناري تي ڪاڌي ۽ مشروبن جا خوش ذوقيءَ سان سينگاريل دڪان ھئا.
اوچتو ڪيس چپني وڃائي، ”اوھان ڪڏھن ڪچي مڇي (Raw Fish) کاڌي آھي؟“
قمر الٽيءَ جھڙو منھن ٺاھي اوڪارو ڏنو، ”ڪچي مڇي — اوڪ — ڪير کائيندو.“
منھنجي ڪچي مڇي بدل ھئي. اھا خبر ھئي تہ ھالنڊ ۾ ڪچي مڇي کائيندا آھن.
”اھو تہ ھتي جو جو خاص کاڌو آھي. ڪچي مڇي نہ کاڌو تہ ڇڻ ھالنڊ ئي نہ آيؤ.“ ڪيس چيو.
قمر نپ انڪار ڪيو. مون ٺھہ ڦھہ چيو، ”مان کائيندس.“
ھر ملڪ جي ڪلچر کي سمجھڻ لاءِ اتان جي کاڌي، لباس، موسيقي، مصوري ۽ ادب جي ڄاڻ ضروري آھي. رڳو ان ملڪ کي ڏسڻ سان نہ.
ڪيس ڪچي مڇي وٺي آيو. ننڍيءَ ڪُرڙيءَ جھڙي ھئي. ان کي رڳو لوڻ لڳل ھو. چيائين، ”ڪنڊو ڪونہ لڳندو، منھن کان وٺي کائيندو وڃ آخر ۾ رڳو پڇ بچائجان.“
مون ائين ئي ڪيو. نرم نرم لوڻاٺيل ماس جو مزو بہ آيو، ۽ ڪجھہ ڪريہ بہ ٿي. پر مڇي سڄي کائي ويس ۽ آخر ۾ ڏوري ڏوري ڏٺم.....

رکيو وچي پيچ بچايم.
قمر بيچ تان خريداري ڪئي. سرمد لاءِ هڪ تمام ڊگهي پينسل، ۽ ڪاشيءَ جهڙي ڪم سان نمڪ داني.
هالنڊ ۾ ڪاشيءَ جهڙو ڪم ٿئي. عجب اهو آهي جو سرون ائش ٽري، نمڪدان، سڀ ساڳئي نيري رنگ وارا آهن، جيڪو سنڌ ۽ ملتان ۾ عام آهي. ان ڳالهه تي مونکي ڏاڍو عجب لڳو. سوچي سوچي ٿڪجي پيس ته ان مشابهت جو ڪو تاريخي سبب ملي، پر ڪوبه سبب ڌيان ۾ نه آيو.
بيچ تان موٽي، ڪيس جي سهڻن گلن واري گهر ۾ منجهند جي ماني کائڻ آياسين. ڪيس هالنڊ جو مشهور بيئر آندو ۽ گپ شپ ڪرڻ شروع ڪيو.
ٽرين جي وقت ۾ اڌ ڪلاڪ بچيو ته مان اٿي کڙو ٿيس ۽ قمر کي هلڻ لاءِ چيم. ڪيس چيو ته، "اجايو اسٽيشن تي بور ٿيو، ان کان بهتر آهي ته هتي ٿي ويهي ڳالهيون ڪريو."
مون ڪيس واچ ڏيکاريندي چيو، "ٽرين ڇٽڻ ۾ باقي رڳو اڌ ڪلاڪ آهي. جي هيءَ ٽرين هلي ويئي ته ائمسٽرڊام کان پئرس واري ٽرين به ڇٽي ويندي."
ڪيس وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين، "هتان ڏهه منٽ اڳ نڪرنداسين. ٽرام اسٽيشن تائين پهچڻ ۾ ست منٽ وٺندي. پوءِ به پليٽ فارم تي اوهانجا ٽي منٽ اجايا ويندا."
مون سوچيو واقعي هي اسانجو ملڪ نه آهي جو بس، ٽئڪسي يا رڪشا جي انتظار ۾ ريلون ڇٽي وڃن. مونکي اها رات

موڪلايو.

ائمسٽرڊام اسٽيشن تان لاڪر مان ڳرو سامان ڪڍي، پليٽ فارم تي آياسين، ۽ پئرس وينديڙ گاڏيءَ ۾ پنهنجون سيٽون ڳوليون، ويهي رهياسين.

هيءَ تيز رفتار ٽرين هئي. سٺند وچ ڇهاڙ يندا. دريءَ ڪان نظارا ڏسندا رهياسين. اوچتو وڏ ڦڙو مينهن پوڻ شروع ٿيو. مون قمر کي برساتيون ياد ڏياريون، جيڪي هاروچ اسٽيشن تي ريل ۾ ڦٽي ڪري آيا هئاسين. مون قمر کي چيو ته، هاڻي برساتين ڪان سواءِ ڪم نه هلندو. اهي برساتيون، شفيق الرحمان جي برساتيءَ وانگر نه هيون، جيڪا وفاداريءَ سان مالڪ جو پيڇو ڪري. قمر چيو ڇڏ انهن برساتين کي، جي ضرورت پئي ته نيون وٺنداسين.

گاڏي ٿوري دير برسيلز اسٽيشن تي بيٺي ۽ پوءِ تيز رفتاريءَ اڳتي رواني ٿي. برسيلز کان ٿورو اڳتي هلياسين ته مينهن بند ٿي ويو. مون شڪر ڪيو جو برساتي جي ضرورت ٽري ويئي.

ٽرين ۾ ٽي ڪرنسيءَ جي ايڪسچينج وارا ڪلهن تي ڪنبيڪٽرن وانگر ٿيلها لٽڪائي آيا. اسان بچيل گلڊن ۽ ڊالر ڏيئي فرانڪ ورتا. منهن اونداهيءَ جو ٽرين پئرس جي اسٽيشن گاردي نار (Gare de Nord) ۾ داخل ٿي.

# پئرس

پئرس ـ لاپاري ـ منهنجي تصورن جو شهر ـ ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ جو شوق هو. جنهن جون ڪهاڻيون ننڍپڻ ۾ پڙهيون هيم. نوجوانيءَ ۾ فرينچ ادب جي شاهڪاريءَ جا هل پڙهيم. موپسان، بالزاڪ، وڪٽر هيوگو، بودليئر، سارتري، مئلارمي، رامبو، سينٽ جان پرس. انهيءَ ادب جي ترجمن پڙهڻ کان پوءِ فرينچ سکڻ جو شوق جاڳيم. آخر خيرپور ۾ لڪيءَ ۾ ڪيس کان فرينچ سکڻ شروع ڪيم. فرينچ ۽ فرانس منهنجو احساس ڪمتري آهن. اڄ ان فرانس جي ڌرتيءَ تي قدم رکيا اٿم. ان پئرس کي اکين سان ڏٺو اٿم. ننڍپڻ عمر پير جا خواب حقيقت ٿي پيا. اها رات، منهنجي زندگيءَ جي سمورن صبحن کان روشن هئي. پئرس منهنجي اکين آڏو ۽ پيرن هيٺان هئي.

گهڻو سامان اسٽيشن جي لاڪر ۾ رکڻ جو فن سکي ويو هوس. يڪدم ٻئگ ۽ ڪنجيءَ واري نشاني (Sign) جو جو پيڇو ڪري، گهڻو سامان لاڪر ۾ رکي، ٻن ٽن ڏينهن جيترو ضروري سامان ڪلهي ٿيلهن ۾ لڙڪائي، اچي ميٽرو (Metro) پهتاسين. (فرانس ۾ زير زمين ريلوي کي ميٽرو چون.)

ڏاڍي مشڪل ۾ اچي وڃان ها.
ڪائونٽر واريءَ ڪان ڏس پڇي، ميٽرو ذريعي ريئُودي رووالي پهتاسين، جتي ٽوئر ڪمپني جي آفيس هئي. اتي منجهند کان پوءِ وارو ”تاريخي پئرس“ وارو ٽوئر بڪ ڪرائي، ڪئميرا جي رول وٺڻ لاءِ هڪ دڪان ۾ گهڙياسين، ته ڪائونٽر وارو، ٽيليفون تي سنڌي ڳالهائي رهيو هيو. خوشيءَ ۽ فخر سان من بود ۾ اچي ويو. مون قمر کي چپ رهڻ جو اشارو ڪيو. جڏهن هن گفتگو ختم ڪري ٽيليفون رکي ته مون يڪدم کيس سنڌيءَ ۾ چيو، ”ڪئميرا جو رول کپي.“
جيترو تعجب مونکي ۽ قمر کي هن جي سنڌي ڳالهائڻ تي ٿيو هيو، اوترو ئي هن کي ٿيو. خوشيءَ کان ٽڙندي هن چيو، ”سنڌي آهيو ڇا؟“
۽ پوءِ حال احوال ڏنا ورتاسين. هو مسٽر هاٿي راماڻي هو ۽ سندس ڪٽنب اصل شڪارپور مان لڏي پئرس آيو ۽ هو ٽن پيڙهين کان اتي ڌنڌو ڪن ٿا. بزنيس ڏاڍو سٺو ٿو هلي، پر سنڌ ڏسڻ جو ڏاڍو شوق اٿن. هن پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ڏنو، ۽ مون ڪائنس موڪلايو.
ريئودي رووالي، پئرس جي تاريخي گهٽي آهي. ان جي بزار جي سڀني دڪانن آڏو، قديم طرز تعمير جو اڌ گول جي ونگن وارو ورانڊو آهي جنهن تي گولن (Globe) جا بتين جا شيڊ لڳل آهن. فرينچ به انگريزن وانگر قديم تهذيب کي قائم رکيو اچن، ۽ ان سان هٿ چراند نه ڪن.

جاءِ آهي. ان ستاري کان ٽيرهن مختلف ڏسين ۾ رستا نڪرن ٿا ۽ سڀ سڌا ٿي سڌا وڃن. ايتوال تي بيهي بيهي، شهر جي ٽيرهن ئي رستن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. چيو وڃي ٿو ته اها تعمير فوجي نڪتہ نظر کان اهم آهي، جو هڪ ئي هنڌ تان ٽئنڪن ۽ توبن ذريعي سڄي شهر کي ڪنٽرول ۾ آڻي ٿو سگهجي.

ايتوال (ستاري) جي وچ ۾ 'فتح جو ونگ' (I'Arch de triumph) آهي.

فتح جو ونگ ١٨١٠–١٨٣٦ع ۾ ٺهيو، ۽ پنجاهہ فوٽ اوچو آهي، جنهن تي چوويهہ ئي ڪلاڪ بتي ٻرندي رهندي آهي. پيرسان ئي پلاس دي لا ڪنڪار آهي، جتي قديم مصري يادگار Obelisque لڳل آهي. اهو هڪ پٿر جو ڊگهو منارو آهي، جنهن تي مصري عبارت اُڪريل آهي. پيرسان ئي ليزانواليد (Les Invalide) جي سهڻي، گول خوبصورت گنبذ واري شاندار عمارت آهي، جنهن ۾ نيپولين کي دفن ڪيو ويو آهي.

ايتوال وٽان ٻين مشهور رستن سان گڏ، پئرس جي سڀ کان وڌيڪ فئشنيبل بازار شانزي ليزي (Champs elysee) پڻ شروع ٿي ٿئي.

نس گهمائيندي گهمائيندي، سئن ندي ۽ جي هڪ پراڻي ۽ پل وٽ پهتي، جنهن کي پان نف (Pont Neuf) يعني نئين پل چون. حالانڪ اها پل سن (١٥٧٨–١٦٠٤ع) ۾ ٺهي، ۽ اڄڪلهہ پئرس جي پراڻي ۾ پراڻي پل آهي. پر نالو اهو

ڏي 'نئين پل' اٿس. جيئن اسان وٽ خيرپور ۾ نئون ڳوٺ، سکر ۾ نئون سکر، ۽ ڪراچيءَ ۾ نوآباد سڀ پراڻا ۽ پُٽا ٿي ويا آهن، پوءِ به اُئين ئي سڏبا آهن - (شل نالي مٿاڻ واريءَ همٿ چراند ڪان بچن).

مشهور گرجا سئن شئپل (Saint Chappel) سنه ۱۲۴۸ ع ۾ ٺهي. اها سيتي (Cite) ٻيٽ (جيڪو سئن نديءَ جو ٻکر آهي) ۾ رهندڙ بادشاهن جي گرجا هئي. ان کي هاڻي ميوزيم بنائي ڇڏيو اٿن.

اهو ئي 'سيتي' ٻيٽ آهي، جنهن ۾ ٻه هزار سال اڳ پئرس جنم ورتو، ان ٻيٽ ۾ جيڪي ماڻهو رهندا هئا، اهي 'پاريزي' هئا، جنهن تان هن شهر تي 'پاريز' نالو پيو، جيڪو پوءِ 'پئرس' ٿيو. اڄ پئرس جي رهاڪن کي 'پاريزان' چو ندا آهن.

بس اچي ناٽر دام (Notre Dam) جي گرجا وٽ بيٺي. اسان بس مان لهي، ان جڳ مشهور گرجا کي ڏسڻ وياسين، ان گرجا متعلق ٺهيل فلم، (Hunchback of Notre Dam) سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي. هيءَ دنيا جي بهرين گوٿڪ (Gothic) چرچ آهي، جيڪا سنه ۱۲۲۵ع ۾ ٺهي. ناٽر معنيٰ اسان جي، ڊئم معنيٰ عورت.

هيءَ گرجا، گوٿڪ عمارت سازيءَ جو قديم ۽ حسين نمونو آهي. در دريون اڌ گول جي ونگ بدران سوڙهيءَ ڪنڊ جي ونگ وارا. درين جي شيشن ۾ ڪو بالٽ ڌاتوءَ جي آميزش سبب انهن جو رنگ خوبصورت نيرو آهي.

ان گرجا ۾، ٽوئرسٽ هزارن جي تعداد ۾ هئا، ته عبادت

ڏوري ڏوري ڏيهه....

ڪيو ويو، جيئن ٻئي ونگ هڪ ٻئي جي سامهون نظر اچن.
موليئر جو ڪاميڊي ٿيئٽر ڏسندا، واپس هوٽل پهچي وياسين،
موٽندي، هوٽل جي هيمان واري فروٽ مارڪيٽ مان هڪ
گدرو ورتوسين. گدرو ڏاڍو مهانگو هيو، پر جڏهن مٿي
هوٽل ۾ ان کي ڪٽي ڪاڏوسين، ته پڇتاءُ ٿيو ته اهڙا ته
ٿي گدرا ڇو نه ورتاسين. ايڏو لذيذ ۽ مٺو گدرو اسان عمر
۾ نه کاڌو.

پئرس جي ان لذيذ گدري جي حسب نسب معلوم ڪرڻ
تي خبر پئي ته اهو اسرائيل کان آيل آهي.

.... يا بني اسرائيل اذڪرو نعمتي التي ....

پوءِ خبر پيئي ته اتي رکيل ننڍي سائيز وارن لذيذ ۽ مٺن
هندائڻ جو شجرو به اسرائيل سان ئي مليو. انهن هندائڻ جي
باري ۾ اسانجي ملڪ ۾ چوندا آهن ته انهن جو ٻج مديني
پاڪ مان آيو آهي. انڪري ان جنس جو نالوئي "مدني"
رکيو اٿائون.

مان دم بخود رهجي ويس، سڀ نعمتون اسرائيلين کي....!

گل پھینکے ہیں اوروں کی طرف اور ثمر بھی

اے خانہ برانداز چمن کچھ تو ادھر بھی

۽ پوءِ، پنهنجي ملڪ ۾، زراعت جي ماهرن ٻڌايو ته اسرائيل
زراعت ۾ ايڏو ته اڳتي آهي، جو سڄيءَ دنيا جي رهبري
ٿو ڪري. خود پاڪستان مان، زراعت جا ماهر اتي
ٽريننگ وٺڻ ويندا آهن.

ان مارڪيٽ جي باري ۾ ٻي هڪ اهم ڳالهه: فروٽ ۽

چيائين، ”هائو، ايتوال کان ئي ته شانزي ليزي شروع ٿي ٿئي.

۽ مونکي پاڻ تي عجب، ڏک، ڪاوڙ، سڀڪجهه محسوس ٿيو. اجايو شانزي ليزي وڃڻ لاءِ ميترو تي چڙهندا هئاسين. پوءِ قمر ۽ مان پنڌ پياسين. واقعي ايتوال کان پوءِ شانزي ليزي شروع ٿي. اهو پنڌ مشڪل سان پنجن منٽن جو هو. ايئر فرانس کان اڳ ۾ هڪ ڏينهن پوئتي ڪرائي، قمر جي شاپنگ جو شوق پورو ڪري، اچي ٿورو ٿڪجي، هڪ فوٽ پاٿ واريءَ ڪيفي تي ويٺاسين. ڪاليج جي زماني ۾، امتحان ويجها هوندا هئا، ته رات جو دير تائين پڙهي، مان ۽ علي گوهر لغاري، انهن ’ڪيفي ڊي فٽ پاٿ‘ تي چانهه پيئڻ ايندا هئاسين. حيدرآباد ۾، پين هوٽلن جي مقابلي ۾ اهي سستيون هونديون هيون. شانزي ليزي جي ان ڪيفي تي ويهندي، مونکي حيدرآباد واريون ’ ڪيفي ڊي فٽ پاٿ‘ ياد آيون.

پئرس يورپ جو مهانگو شهر آهي، ته شانزي، ليزي، پئرس جي مهانگي ۾ مهانگي گهٽي. قمر هڪ نفيس ۽ قيمتي ساڙهي ورتي هئي. مون هن فٽ پاٿ واريءَ ڪيفي کي انڪري چونڊيو هيو جو سو چيو هيم ته اها سستي هوندي. (انڪري ئي اگهن وارو بورڊ نه پڙهيم.) سڄي ڪيفي ڪچا ڪچ پريل هئي. ويٺلن جون ڪرسيون رستي جي ويندڙ ٽرئفڪ جي طرف هيون، ۽ سڀ ٽرئفڪ جو نظارو ڪندي، مشروبن جو چسڪيون وٺي رهيا هئا. اسان به وهندڙ ٽرئفڪ ڏوري ڏوري ڏيهه.....

ميٽر ڊگھو فولادي منارو ١٨٨٧ع کان ١٨٨٩ع ۾ ٺهيو.
هن مناري جا ٽي طبقا آهن. مٿي وڃڻ لاءِ لفٽ آهي، پر
اها عمودي ڪونهي. چوته ايفل ٽاور هيٺ بنياد وٽ ويڪرو
۽ مٿي سوڙهو آهي، انڪري ان جا پاوا ڪجهه لڙيل آهن.
ان سبب جي ڪري، لفٽ به سڌي مٿي نه ٿي وڃي، پر
ڪجهه لاڙو ڪري، ٿي وڃي.
مٿي ٽي طبقا آهن، جن تي ڪيفي ۽ يادگارن (Souvenir)
جا دڪان آهن. ٽاور تان پئرس شهر جو سهڻو منظر ٿو ڏسڻ
۾ اچي. سئن ندي، انواليد، پئي فتح جا ونگ، لوور جي عمارت
مطلب ته هرخوبصورت ۽ اهم عمارتان ٽاور تان نظر اچي.
شام جو شانزي ليزي جو چڪر هنيوسين. ١٧ جولاءِ فرينچن
جو قومي ڏينهن هيو — ان شام، شانزي ليزي تي هشام
ماڻهن جا — آتشبازي - رنگبرنگي روشنيون — "اڻ جاتي" سپاهيءَ
جي مزار تي گلن جا انبار — ائين پئي لڳو ته هي جشن
سرڪاري نه، پر عوامي هو — هر فرينچ ان ۾ جذباتي توڙي
ذهني طور شامل هو.
پئي ڏينهن اٿينس جي اڏام هئي. نيرن ڪري، اچي گارڊي
نارد اسٽيشن تي پهتاسين. پئرس کي خدا حافظ نه. پر
Au Revoir چيوسين. لاڪر مان سامان ڪڍي، ريل تي
چڙهي، اچي شادِي گو (فرينچ چارلس ڊي گال جو اچار
ائين ڪن) ايئر پورٽ تي پهتاسين. اهو ايئر پورٽ دنيا جي
خوبصورت ترين ايئر پورٽن مان آهي. گولائيءَ تي ٺهيل
آهي، ڊيوٽي فري دڪان آهن، پر انهن تي رکيل شيون

لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ ۾ وڏيڪ سسٽيون تي مليوں.
پڪچر ڪارڊ پئرس مان ورتا هياسين، اهي ٻارن کي ايئر
پورٽ جي پوسٽ آفيس مان پوسٽ ڪياسين. ان بعد، جهاز
جي انتظار ۾ ڊيوٽي فري دڪانن جا چڪر لڳائي، ڪيفي
۾ ڪجهه کائي پي، اميگريشن ۽ ڪسٽم مان واندا ٿي،
ڊپارچر لائونج تائين پهتا سين، پر سامان سوڊو هلندڙ پٽي تي
ڇڏي آياسين.

ڊپارچر لائونج عالي شان، خوبصورت، صاف ۽ سٿرو هو.
ايئر فرانس جي جهاز ٽيڪ آف ڪيو، ته مون اٿينس جي
باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو.

---

## ائينس

يونان جي سر زمين تي هيءُ پهرو پيرو قدم رکيوسين. يورپ جو پهريون سج به ائينس جي ايئر پورٽ تي اڀريو هيو. رات جو دير سان ائينس پهتاسين. اميگريشن وارن هين سڀني کي چڙهي ڏنو، رکو اسان پنهي (مون ۽ قمر) ۽ هڪ ٻئي پاڪستانيءَ کي الڳ بيهاري ڇڏيو. جڏهن سڄي قطار ختم ٿي ته اميگريشن آفيسر نهايت باريڪ بينيءَ سان اسانجا ڪاغذ چيڪ ڪيا، ۽ پوءِ آڌي پڇا شروع ڪيائين، ”گهڻا ڏينهن رهندو.“ ”گهڻا پئسا اٿو؟“ جڏهن اسان هن کي هر طرح مطمئن ڪيو ته هن پنهي جي موت جي باري ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. اسان قسم کڻي جند ڇڏائي، ته ان ڳالهه ۾ اسانجو ذرو به هٿ نه آهي، پوءِ مون تاريخ جا ياد ڪيل سبق دهرايا ته سڪندر اعظم مهرباني ڪري اسان تي حملو ڪيو هيو، ۽ سندس جرنل به سنڌ ۾ رهيو، تڏهن مس مس جند ڇڏيائين.

ايئر پورٽ تان ڊالرن جا ’درام‘ مٽائي، ٽورسٽ انفرميشن واري ڪائونٽر تي آياسين، ۽ اتان هوٽل بڪ ڪرائي ڇڏيسين. ڪائونٽر واري چيو ته هوٽل جو ڪمرو صبح جو ستين وڳي خالي ٿيندو. هن وقت ٽئڪسي به گهڻا پئسا وٺندو.

رکيون آهن • جنهن جي سامهون واريءَ ٽڪريءَ تي اٿينس جي قديم شهرجا آثار آهن، انهن کي اڪرو پولس (Acropolis) چون ـ اڪرو معنيٰ متاهون، پولس معنيٰ شهر• اٿينس جا قديم آثار متاهينءَ ٽڪريءَ تي آهن، ان ڪري انهن جو نالو اڪروپولس رکيو اٿائون •

هزارن جي تعداد ۾ ٽوئرسٽ، ان اڻ سينگاريل ٽڪريءَ تي پيل ڪرسين تي ويهجي ويندا آهن، ۽ رات ٿيڻ سان شو شروع ٿيندو آهي• قديم شهر جي آثارن تي، مختلف زاوين کان، مختلف قسم جي رنگن جي روشني وڌي ويندي آهي، ۽ ٽڪرين ۾ لڪل لائوڊ اسپيڪرن مان آواز ايندو آهي، ڪڏهن ويجهو، ڪڏهن پري، ڪڏهن ساڄي ته ڪڏهن کابي ته ڪڏهن اڳيان ته ڪڏهن پوئتان• انهن لائوڊ اسپيڪرن مان اٿينس پنهنجي تاريخ ٻڌائيندي آهي• آواز واقعن جي تاثر آهر ويجهو يا پري، ڌيمو يا زورائتو ٿيندو آهي، ۽ ان سان گڏ قديم آثارن تي روشنيون پونديون آهن• اهڙيءَ ريت، جيئن ڪهاڻيءَ جي ٿاٽ ۽ ماڳن ۾ بيان ٿيندو ويندو آهي• روشنيءَ جي رنگ ۽ زاوين جي تبديلي، آواز جي لاهه ۽ چاڙهه سان اهڙو جادو جاڳي پوندو آهي، جو ائين لڳندو آهي ته سچ پچ اٿينس پنهنجي تاريخ دهرائي رهي آهي•

اهو شو ڏيڍ ڪلاڪ کن هلندو آهي• ان جي شروعات هيئن ٿيندي آهي:

I am Athens, O truth seekers of world, come to me."

( ”مان اٿينس آهيان. او دنيا ۾ جا سچ جا متلاشيو ، مون ڏانهن اچو.“ )

پوءِ اٿينس جي تعمير جو ذڪر ٿيندو آهي. ۴۸۰ ق.م. ۾ بازنطينين جي هٿان اٿينس جي تباهه ٿيڻ جو بيان ٿيندو آهي. ان وقت گهوڙن جي ٽاپن جا آواز ايندا آهن - ”هنن اٿينس کي باهه ڏني.“ لائوڊ اسپيڪر تي ان جملي جي اچڻ سان ئي ائڪرو پولس تي ڳاڙهي روشني وڌي ويندي آهي. ائين لڳندو آهي ڄڻ اٿينس ٻري رهي آهي.

ان بعد عظيم انجنيئر ۽ آرڪيٽيڪٽ ، پيريڪلس جو آٿت ڏيندڙ آواز گونجندو آهي ، ”مان اٿينس جي ٻيهر تعمير ڪندس.“

( هن ۴۲۳ ق.م. تائين اٿينس جي ٻيهر تعمير ڪئي. ان جا سنگمرمر جا مندر ، ٻيهر ٺاهيا. اٿينس جي عظمت وري موٽي آئي. )

اٿينس وارن ان شو جي ذريعي ، سڄيءَ دنيا کي پنهنجي تاريخ جي عظمت کان واقف ڪيو آهي.

ڇا ، سنڌ ۾ مڪليءَ ، موهن جي دڙي ، ڪوٽ ڏيجيءَ يا رني ڪوٽ تي اهڙو شو نه ٿو ڪري سگهجي؟

رات جو پروگرام هو. ’اٿينس باءِ نائيٽ‘ ان لاءِ مون اهڙي ڏ ئيٽ ڪلب جو انتخاب ڪيو هيو ، جنهن ۾ اٿينس جي روايتي موسيقي ، ناچ ، ۽ ڊنر هئي. ٽوئرسٽ بس هڪ ڪشادي رستي تي لاٿو. گائيڊ اڳيان ۽ اسان ۽ ٻيا گروپ جا ٽوئرسٽ پٺيان - سنهين ، اونداهين ، ورن وڪڙن وارين

گهٽين مان ٿيندا، هڪ تمام تنگ گهٽيءَ ۾ اچي پهتاسين.
اهو حال ڏسي مونکي حيدرآباد جون گهٽيون ياد آيون. هوبهو اهڙيون ئي تنگ، تاريڪ، ورن وڪڙن واريون، منجهائيندڙ گهٽيون. فرق رڳو اهو هو، ته اٿينس جي گهٽين ۾، درن وٽ، سينگاريل عورتون ويٺل نه هيون.

گائيڊ آخر هڪ پراڻي طرز جي عمارت وٽ وٺي آيو، ۽ ان جي ڏاڪڻ چڙهڻ شروع ڪيائين. گائيڊ اڳيان، ۽ اسان، ۽ گروپ جا ٻيا ٽوئرسٽ پٺيان، وياسين ڏاڪڻين تي ڏاڪڻيون چڙهندا. اٽانهيون ۽ اڀيون ڏاڪڻيون. هڪ هڪ ڏاڪو فٽ کن ته واهه جو اوچو هوندو. ۽ وري سوڙهيون، اونداهيون، ۽ ورن وڪڙن واريون. غزل جي روايتي معشوق جي وارن وانگر. هڪ يا ٻه نه، پر چار ماڙيون چڙهڻيون پيون. منهنجو ته ساهه نه هيٺ نه مٿي. سهڪو (Dyspnea) ٿي پيو. قمر جي حالت مونکان ابتر هئي، سهڪندا سهڪندا، پنهنجي قسمت کي پٽيندا، اچي ڇت (Terrace) تي پهتاسين. اهو پاڙو — اها عمارت، اهي ڏاڪڻيون ڏسي، مون خيال ڪيو ته منهنجي چوند غلط آهي. يونان جي روايتي موسيقي ۽ ناچ جي، هن واهيات قسم جي ماحول ۾ ڪهڙي خبر پوندي. پر ڇت تي پهچندي سمي ٽڪ ٿي لهي وئي. ڪرسيون ۽ ميزون سليقي سان سينگاريل هيون.

ناچ شروع ٿيا. موسيقارن جي هٿن ۾ دنبوري جي قسم جو هڪ ساز هيو. يوناني ناچ، جديد يورپي ناچ کان مختلف هئا، ۽ ڪجهه ڪجهه مشرقي رنگ هئن. سندن موسيقيءَ

جا ڪجهہ انگ اسانجي تلنگ سان مليا ٿي.
اتي مونکي هڪ يوناني موسيقيءَ جو ماهر ياد آيو، جيڪو حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشن ۾، شيخ غلام حسين وٽ مليو هيو، ۽ سنڌي تلنگ ۽ يوناني موسيقيءَ جي هڪجهڙائيءَ تي حيران هو، ۽ ان لاءِ ڪو تاريخي سبب ڳولهي رهيو هيو. مون کيس سڪندر جي سنڌ تي ڪاهہ، ۽ سندس جرنلن جي سنڌ ۾ رهڻ جي باري ۾ ٻڌايو تہ هو مطمئن ٿي ويو.
يوناني ناچ ۽ موسيقيءَ ۾ پنهنجو رس آهي. پنهنجو رچاءُ آهي، ، هندستاني ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۽ رقص وانگر، جيوٽيڪ انهن ۾ پيچيدهہ تفصيل ناهن، پر تنهن هوندي بہ هو باقاعدي فن وانگر محسوس پئي ٿيا، جنهن جا ڪجهہ قاعدا قانون هجن، صفا بي راهہ روي نہ پئي محسوس ٿي.
بهرحال اسان جي موسيقيءَ جي ماهرن کي، يوناني ۽ سنڌي موسيقيءَ جي هڪجهڙائيءَ تي تفصيل سان ڪم ڪرڻ گهرجي، جيئن سنڌي ۽ اسپيني موسيقيءَ تي ٿيو آهي.
آخري ناچ ۾، سڀني کي عام دعوت هئي، ڪيترائي ٽوئرسٽ ناچ ۾ شامل ٿي ويا، هوا ۾ ڪيترائي رنگبرنگي ڦوڪڻا ڇڏيا ويا. اڻ ڏٺل، اڻ ڄاتل، اڻ واقف ماڻهو، هڪ اوپري ديس ۾ هڪ ٻئي لاءِ اجنبي نہ رهيا. هڪ ئي تال تي، سڀ جهومي رهيا هئا، نچي رهيا هئا: 'من تو شدم تو من شدي،' وارو ماحول هو. قطرا بحر ۾ گم هئا، سمنڊ لهرون هڻندو رهيو. هيءَ ڪهڙي عجيب ۽ حسين ماجرا آهي. پراوا بہ پنهنجا، اسان وٽ پنهنجا بہ پراوا، ڏٺل بہ اڻ واقف.

ڳوڻان اسان جي سنڌ وانگر رڳو ماضي آهي. حال ۽ مستقبل ناهي. يونان کان اولمپڪ رانديون شروع ٿيون ـ اڄ اولمپڪ جا چئمپئن غير يوناني آهن. يونان جي بقراط جديد ۽ Rational طب جو بنياد وڌو، اڄ بهترين طبيب انگلنڊ، آمريڪا ۽ روس ۾ آهن. يونان ۾ فلسفي جو بنياد پيو. اڄ بهترين فلسفو سارٽري وٽ آهي. ڊراما، سنگتراشي، شاعري، رياضي، سڀ علم يونان مان نڪتا، ۽ اڄ جو يونان انهن فنن ۾ ڪا به حيثيت نه ٿو رکي. اڄوڪو يونان آهي رڳو جهاز راني ۽ ٽوئرزم، هڪ ڪمزور، نحيف ۽ غريب قوم، جيڪا رڳو ماضيءَ تي، رڳو تاريخ تي، رڳو ميوزم تي فخر ڪري سگهي ٿي. پر حال تي شرمنده آهي، ۽ ان جو مستقبل غير يقيني آهي. اسان موهن جي دڙي جا وارث به ساڳئي حال ۾ آهيون. رڳو ماضيءَ تي پناهه هٺي سگهون ٿا. پر نه حال اٿئون نه مستقبل.

ائينس جي گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمندي مون ڏٺو، ته بورڊ يوناني ٻوليءَ ۾ هئا. بيٽا، ٿيٽا، پاءِ (β θ π) جا حرف جيڪي اسان وٽ فزڪس ۽ رياضيءَ جي فارمولن ۾ استعمال ٿيندا آهن، اهي بورڊن تي ڏسي عجب پئي لڳو. مون قمر کي چيو، "ڏس، مٿي فارمولن جا بورڊ لڳا پيا آهن."

قمر پهرين ته ڳالهه نه سمجهي، ۽ عجب مان چيائين، "اهي فارمولا بورڊن تي ڇو لکيا اٿائون." پر پوءِ ڳالهه سمجهي ويئي.

وڏي ۾ وڏو مندر آهي. هو سامهون ’انڊيا گيٽ‘ (هندستان جو دروازو) آهي، جيڪو ٢ صدي عيسويءَ ۾ تعمير ٿيو.“ (ان دروازي وٽان هندستان ڏي رستو ايندو هوندو.)

بس هلندي، هلندي، اچي ’الي موس‘ تي، سمنڊ جي ڪناري تي پهتي.

گائيڊ ٻڌايو، ”هتي زراعت جي ديوي آهي، ۽ يونان جون عورتون هر سال هتي تقريب ملهائڻ اينديون آهن.“

”سامهون پستن جا وڻ آهن.“

مون ڏٺو ته انهن ۾ اڇا اڇا، خوبصورت گل جهومي رهيا هئا، گائيڊ ٻڌايو، ”پستا ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڦر ڏيندا آهن.“

بس هلندي رهي، مان دريءَ مان هيڏي هوڏي نهاريندو رهيس. نيرو سمنڊ اسانجي ساڄي پاسي هو. اٿاهه سمنڊ، جيڪو سڀني کنڊن کي ڇهي ٿو، جنهن جا ڪنارا يورپ، آمريڪا، ايشيا، آفريڪا ۽ آسٽريليا کي ڇُهن ٿا. سمنڊ — اٿاهه سمنڊ، پيار وانگر اٿاهه آهي، جيڪو سڀ ويڇا، سڀ فاصلا ختم ڪيو ڇڏي.

لهرن لڪ لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو.

سمنڊ جو ڪنارو ڇڏي، بس هڪ جبل تي چڙهڻ لڳي، جابلو رستو. اتاهون، ورن وڪڙن وارو، ۽ ڏکيو هيو. جهڙو ڪوئٽا کان چمن وارو رستو. اهڙن رستن تي مونکي ڏاڍو ڀؤ ٿيندو آهي. منهنجو ساهه نه هيٺ نه مٿي، قمر ڪلڻ لڳي. پر اها منهنجي ڪمزوري آهي، رستي کان هيٺ ڏس، ته

به ، رائج قانون جو احترام ڪندي ، زهر جو پيالو پي جان ڏني ـــ ان لاءِ جو هن هڪ سٺي شهريءَ جي حيثيت ۾ قانون جي بجا آوري ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيو. اتي ئي سچ ۽ موت جو ازلي ۽ ابدي ميلاپ ٿيو. اتان ئي اهو سلسلو شروع ٿيو ، جو منصور ، سرمد ، شاهه عنايت ، ۽ مخدوم بلاول ان جون ڪڙيون بڻجي پيا.

مون کي لائيٽ اٿينس سٽو نيز شهر جا شروعاتي لفظ ياد آيا :

I am Athense - O truth seekers of world, come to me!

پوءِ هو هزارين ٽوئرسٽ هتي ڇو نه آيا؟ ڇا دنيا ۾ سچ جا ڳولائو ڪٿي ويا آهن. هتي رڳو اسان ٻه ـــ مان ۽ قمر ڇو بيٺا آهيون؟

سنڌ جي جديد شاعريءَ ۾ ، سقراط جو نالو منصور ، مخدوم بلاول ، سرمد ۽ شاهه عنايت سان گڏ ايندو آهي. پر پنهنجي ملڪ ۾ هو اڪيلو ڇو آهي.

مون کي نورجهان جو شعر ياد آيو ، جيڪو هن پنهنجي ئي قبر جي باري ۾ اڳڪٿيءَ طور چيو هو :

بر مزار ما غريبان ني چراغ ني گل
ني پر پروانه سوزد ، ني صدائي بلبل

هيءَ سقراط جي مزار نه هئي ، پر ان جو لافاني يادگار ته هو.

مون ۽ قمر اتي هڪٻئي جا فوٽا ڪڍيا ، ۽ پوءِ ڪجهه گهڙيون خاموش ٿي ، تاريخ جي ان عظيم هستيءَ جي باري ۾ سوچيندا رهيا هئاسين.

جڏهن واپس آياسين ته ائڪروپولس تان اسانجي بس وارا ٽوئرسٽ هيٺ لهي رهيا هئا. اسان پنهنجي بس وٽ اچي ويٺاسين، اتي هڪ نوجوان ڇوڪري اڪيلي ويٺي هئي. هوءَ پنهنجي پوشاڪ ۽ مهانڊن مان پاڪستاني پئي لڳي. مون ويجهو وڃي ڪانئس پڇيو، ”پاڪستاني آهيو؟“

هن جواب ڏنو، ”پنجابي.“

مون ٻيو سوال ڪيو، ”مشرقي پنجاب جا آهيو يا مغربي پنجاب جا؟“

ان ڳالهه جو هن ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ پنهنجي اسڪالرشپ ۽ يونيورسٽيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳي. مون ۽ قمر هڪ ٻئي ڏي حيرت مان ڏٺو، ۽ اچي بس ۾ ويٺاسين.

هوٽل مان سامان کڻي، بجليءَ جي بس ذريعي اچي ايئرپورٽ تي پهتاسين.

ڪي-ايل-ايم جي اڏام ڏيڍ ڪلاڪ دير سان آئي. اهو وقت مون ڊيوٽي فري ڪينٽي تي شغل ۾ گذاريو، ۽ قمر سئنڊوچ تي گذارو ڪيو. جهاز ۾ چڙهياسين ته اڏامي ڏي نه. اڌ ڪلاڪ وڌيڪ گذري ويو. اوچتو ڳول ڳولان شروع ٿي، سڄي جهاز جو عملو ٻڇ پڇان ۾ هو. ڪو مسافر جهاز ۾ نه پهتو هو. لائونج مان بورڊنگ ڪارڊ وٺي، ٻاهر هوائي جهاز ڏي ته آيو هيو، پر هاڻي نظر نه پيو اچي. سندس ساٿي پريشان هو. آخر ڳولهي وڃي فرسٽ ڪلاس مان هٿ ڪيائونس. همراه پل ۾ وڃي فرسٽ ڪلاس ۾

ايريو هو، ان ڏي ائينس ۾، اسانجي هن سفر جو آخري سج لهي رهيو هيو. سمنڊ ــ سرمائي سمنڊ، ۽ ان جي پرسان ائينس جو خوابن جهڙو شهر.

ٻي وڳي رات جو، جهاز جي ڦيٿن ڪراچيءَ جي زمين کي ڇهيو. وطن جي زمين سان ڳانڍاپي تي جسم مان بجليءَ جي لهر جهڙي درڙي نڪري ويئي. پنهنجو ملڪ، پنهنجي زمين.

ايئر پورٽ تي اعجاز ۽ ممتاز موجود هئا.

گهر پهچي گهڙي ننڊ اچي ويئي.

سهڻي پبليڪيشنس حيدرآباد جا پڻ شايع ٿيل ڪتاب

موهن ڪلپنا
جو نالو سنڌيءَ جي وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو

# اُها شام

انهيءَ وڏي ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.
محبت جي موضوع تي موهن ڪلپنا جون بهترين ڪهاڻيون
سهڻو ٽائيٽل قيمت ١٠-٠٠

---

سنڌيءَ ۾ پنهنجي موضوع جي لحاظ کان يگانو ڪتاب

## ولي رام ولڀ

جو سهيڙيل

# پيار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾

پيار جي موضوع تي سنڌيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون
هيٺين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون هن مجموعي ۾ شامل آهن.
لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، شيخ اياز، جمال ابڙو، زينت چنا، پوپٽي هيراننداڻي، سگڻ آهوجا، سندري اتم چنداڻي، اياز قادري، شيخ حفيظ، ڪمل پيامي، ڪرشن کٽواڻي، جڳديش ايس لڇاڻي، بشير مورياڻي، سراج، تارا مير چنداڻي، موهن ڪلپنا، علي بابا، حميد سنڌي، غياث جوڻيجو، طارق اشرف، نظير شيخ، ڪلا پرڪاش، ماهتاب محبوب، مانڪ، ظفر حسن، ولي رام ولڀ، حليم بروهي ۽ زيب سنڌي.
صفحا ٢٠٨ سهڻو ٽائيٽل قيمت ١٢-٠٠

سهڻي پبليڪيشنس جو جلد نڪرندڙ ڪتاب

# اندر جو چاننڊو

## ايشور چندر

سنڌيءَ جو هڪ منفرد ڪهاڻيڪار آهي.
هيءُ سندس ڪهاڻيون جو نئون مجموعو آهي
ايشورچندر جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ مٿاهون درجو رکن ٿيون
صفحا ۾ سئو سهڻو ٽائيٽل


# سهڻي پرنٽرز

هر قسم جي سادي ۽ رنگين ڇپائي
شادي ڪارڊ، عيد ڪارڊ، وزيٽنگ ڪارڊ، رائٽنگ پيڊ،
ڪيش ميمو، رجسٽر، بل بڪ.
هر قسم جي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڇپائي اوهين هتان
ڪرائي سگهو ٿا.

سهڻي پرنٽرز
الهندو ڪڇو (گاڏي کاتو)
حيدرآباد سنڌ.

# سھڻي پبليڪيشنس

## جا شايع ٿيل ڪتاب

---

١- اسانجي سنڌ (ڪھاڻيون) مختلف ڪھاڻيڪار ختم ٿيل
٢- اڻوسرندڙ ڪھاڻيون (") مختلف ڪھاڻيڪار "
٣- وايون وڻجارن جون (سفرنامو) الطاف شيخ "
٤- بندر بازاريون (") الطاف شيخ "
٥- غدار (ناوليٽ) ڪرشن چندر "
٦- سونھن، پٽ ۽ پيار (ڪھاڻيون) طارق اشرف "
٧- ميرو ڏاڙيل (ناول) طارق اشرف "
٨- ڳاڙھا ھٿ پيلا چھرا (شعر) ذوالفقار سيال ١٦-٠٠
٩- رشتا ناتا (ڪھاڻيون) نجم عباسي "
١٠- پيار جي پري (") غلام رباني "
١١- بدمعاش (") جمال ابڙو "
١٢- سفيد وحشي (") شيخ اياز "
١٣- سمونڊ جي ساٿيھ (سفرنامو) الطاف شيخ "
١٤- منھنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق
(آتم ڪھاڻي) پوپٽي هيرانندائي "
١٥- جاني تہ جھاز ۾ (سفرنامو) الطاف شيخ "
١٦- آھا شام (ڪھاڻيون) موھن ڪلپنا ١٠-٠٠
١٧- ٻار سنڌي ڪھاڻيءَ ۾
(ڪھاڻيون) مختلف ڪھاڻيڪار ١٢-٠٠

اسٽرئفورڊ اپان ائون جڳ مشهور شاعر شيڪسپيئر جو شهر آهي. شهر جي سڀ کان اهم چوڪ تي شيڪسپيئر جو تمام وڏو مجسمو نصب ٿيل آهي. اسان ان جي هيٺان بيهي فوٽو ڪڍايو. شهر جي پرسان ائون (Avon) ندي نڪري وهي، ان ۾ سهڻيون، سينگاريل لانچون ٽوئرسٽ کي نديءَ جي سير ڪرائڻ لاءِ موجود آهن. مطلب ته



تنوير عباسي ۽ قمر عباسي
(شيڪسپيئر جي مجسمي هيٺان)

ٽوئرسٽ اچن ته معلومات به ملي، ۽ پڪنڪ به ٿئي. (ڇا پٽ شاهه جي ڪراڙ ڍنڍ کي اهڙو خوبصورت نه ٿو بڻائي سگهجي.)

شهر ۾، هر دڪان تي، هر جاءِ تي شيڪسپيئر جي ڇاپ لڳل آهي. جي ڪپڙن جو دڪان آهي، ته ان ۾ شيڪسپيئر جي ڪردارن جا ڪپڙا ملندا. جي برتنن جو دڪان آهي، ته ان ۾ شيڪسپيئر جي دور جا برتن، ڪوپ، ساسريون، ڪٽليون، چمچا، ڪانٽا وغيره ملندا. ڪتابن جي دڪان تي شيڪسپيئر جا، ۽ شيڪسپيئر جي متعلق ڪتاب. ائش ٽري هجي، بٽڻ هجي، قلم هجي، پيپر ويٽ هجي، هر شيءِ تي شيڪسپيئر جو پورٽريٽ.

('ڏوري ڏوري ڏيهه' مان ورتل)